
معذرت سان
(اختصاري ڪهاڻيون)
علي رضا قاضي
علي پبلشرس ۽ ڪمپيوٽرس ٽاروشاهه

# معذرت سان

(اختصاري ڪهاڻيون)

علي رضا قاضي

علي پبلشرس ۽ ڪمپيوٽرس ٺاروشاه
ضلع نوشهروفيروز، سنڌ
2016ع

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# علي پبلشرس ۽ ڪمپيوٽرس جو ٻيون ڪتاب


| | |
|---|---|
| **ڪتاب جو نالو:** | **معذرت سان (اختصاري ڪهاڻيون)** |
| **ليکڪ:** | **علي رضا قاضي** |
| **ڪمپوزنگ:** | **مدثر سهتو** |
| **ٽائيٽل:** | **امير قاضي** |
| **سال:** | **اپريل 2016ع** |
| **قيمت:** | **160 روپيا** |



**حق ۽ واسطا:**

علي پبلشرس ۽ ڪمپيوٽرس ٺاروشاهه ضلعو نوشهروفيروز، سنڌ وٽ محفوظ هوندا



رابطي لاءِ:

مظفر علي سهتو 03003073684

رياض حسين موريو 03003077682

مدثر سهتو 03013606710

# ارپنا

پنهنجي امڙ حضور خاتون جي نالي، جنهن ڪهاڻيون ٻڌائي وڏو ڪيو: منهنجي ماءُ، مان هن جي وجود جو حصو.

ڊاڪٽر الطاف جوکئي جي نالي، منهنجو استاد، ’استاد انسان کي زمين تان کڻي آسمان تائين پهچائيندا آهن.‘

شريڪِ حيات: ناديه قاضيءَ جي نالي، منهنجي ڪهاڻين جو روح

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (320) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب **”معذرت سان“** ليکڪ، صحافي ۽ استاد علي رضا قاضيءَ جي مختصر ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي.
ڊاڪٽر الطاف جوکيو لکي ٿو:

”هن ڪتاب جي ليکڪ مختصر مختصر قسم جي ڪهاڻين جي شروعات سوشل ميڊيا تي ڪئي ۽ ان کي شارٽ- شارٽ اسٽوريءَ جي نالي آهر ’مختصر- مختصر ڪهاڻي‘ ڪوٺيو: جنهن کي بعد ۾ مرڪب لفظ ۾ ورجاءَ سبب ’اختصاري ڪهاڻيءَ‘ جي اصطلاح جي راءِ ڏني وئي. مذڪوره اصطلاح ان نسبت ڪم آندو ويو جو اسان وٽ فليش ڪهاڻين لاءِ ڪو خاص نالو اڃا تجويز نہ ٿي سگهيو آهي. هي اصطلاح پنهنجي نراليت سبب ڪنهن حد تي قبول ٿيڻ جوڳو آهي. اهڙي قسم جي جديد سنڌي ادب ۾ قاضي علي رضا جون ڪوششون ساراه جوڳيون آهن.“

هي ڪتاب **علي پبلشرس ۽ ڪمپيوٽرس، نَوشهرو فيروز** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري علي رضا قاضيءَ جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ

ڪچا ڦڪا لفظ ______________ ڊاڪٽر الطاف جوکيو
پنهنجي پاران چار سٽون ______________ علي رضا قاضي
پبلشر جي ڊيسڪ تان ______________ مظفر علي سهتو

- زندگي ۽ ٿڳي
- سوئر جو پٽ
- واپار
- ڪمائي جي سيزن
- ڪرچيون ٿيل وجود
- رمضان
- سول سوسائٽي
- معذرت سان
- اونداهو چنڊ
- ڪتي جي خودڪشي
- هل من ناصر ينصرنا
- ۽ پري اڏامي وئي
- مائٽ ممو
- حج جي بشارت
- ٻِشني
- ڪافر ڪير
- محبتون عجيب هونديون آهن
- امر جليل جو ڪردار
- جهومر
- ٻيو ڏنڌو
- وفاداري
- گوشت ۽ هڏي
- واهيات
- ٻگهڙ
- سڄُ زمين تي
- جيترو جلد ٿي سگهي مري وڃجي

- ملڪيت جو تصور
- جامِ شهادت
- رهجي ويل دل
- مدينہ پيٽرول پمپ
- ڪارو پاڻي يا موتيو
- هن ڪي ناول جي هيرو سان پيار ٿي ويو
- گهر
- ڪاري چادر
- انتظار
- رشتو
- مان ڪافر
- ڪپڙا پيا پليت ٿين
- نعرا يزيد جي خلاف لڳنا هئا
- پهريون نعرو
- ڪافرن جا ٻار
- اسان جي مسيت
- نيڪ صلاح
- هو بہ سادو اسان بہ سادا
- ڏانڏلي
- حق حق- جبل شاه نر
- ڪير آ پيِر
- سوئرن جو سماج
- حسنِ ازل
- زنده آهيان يا مرده
- پالش
- پي جي
- هڪ درد بہ ڪهاڻيون
- جائو ڪُڪُڙ
- بليڪ اينڊ وائٹ ون
- بليڪ اينڊ وائيٽ ٽو
- چوري جو عشق

- سپ مولوي پٽ تي ويا آهيو
- چرين ڪي ناهي ماربو
- ٽيلي وزن ڪهاڻيون
- برف جي گولي
- ڏنڊلو آسمان
- ميڊيا
- تعليم دوستي
- ڳالھ سمجھ جي آهي
- سائبر ڪرائم
- ريپ ريپ ريپ
- اڻجاتل لاش
- نيت مولويءَ ڳالهايو
- جبلت
- هارمونس
- لائوڊ اسپيڪر
- اوساري جهڙو درد
- اعتراض
- خواب
- امام ضامن
- شناختي ڪارڊ
- ٻارهين ڪيفيت
- ڏائڻ
- ماستر رحيم جو قتل
- اڊائي ڪلو پٽاٽا

# ڪچا ڦڪا لفظ

هي ڪهاڻين جو مجموعو ’معذرت سان‘انتهائي مختصر ڪهاڻين تي مشتمل ۽ علي رضا قاضي جي ڪاوشن جو نچوڙ آهي. علي رضا قاضي صحافت کان وٺي استادي پيشي سان وابسته هجڻ ڪارڻ ڪافي صنفن تي ڪم ڪيو، ليڪن ڪنهن هڪ صنف تي ملڪي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس ضرورت پيش آئي ته ادبي ڪيتر ۾ ڪو نرالو رستو ونجي. ان ڪارڻ هن همراه انتهائي مختصر ڪهاڻين جو هڪ سلسلو جاري ڪيو ۽ سوشل ميڊيا تي آڻڻ سان ڪافي داد ۽ تنقيدي رايا حاصل ڪندو رهيو. هن وقت هو اهڙي قسم جي ڪهاڻين ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهي سگهيو آهي.

دنيا ۾ ڪهاڻين جو سلسلو انسان جي زندگيءَ سان سلهاڙيل رهيو آهي. ايتري قدر جو انسان سمجهه حاصل ٿيڻ بعد ڪهاڻيءَ کي پنهنجو محبوب مشغلي ۾ رکندو آيو ۽ هن جو اٿڻ ويهڻ يا سمهڻ به ڪهاڻيءَ سان مشروط رهيو. هاڻي به ٻار جيستائين ڪا ڪهاڻي نه ٿو ٻڌي يا ڊرامي جي صورت ۾ نه ٿو ڏسي تيستائين سڪون جي ننڊ به ڪونه ٿو طلبي. ان تناظر ۾ ڏسجي ته ادب جي ٻين صنفن جي پيٽ ۾ ڪهاڻي انساني زندگيءَ جي تمام ويجهو رهي آهي.

مختلف دؤرن ۾ ڪهاڻيءَ جي جڙاوت جا مختلف رخ رهيا آهن، جن جي ڪردارن ۾ ڪڏهن جنّ ڀوت، پريون ديوَ ته ڪڏهن بادشاه فقير وغيره؛ ڪڏهن پکي پکڻ يا پسون ته ڪڏهن گهريلو يا خوفائتا جانور؛ ڪڏهن انساني زندگيءَ جا حالات واقعات يا جذبات. انهن ڪردارن ۽ حالتن تحت ڪهاڻيءَ جي ضمني صنفن ۾ اضافو ٿيندو ويو، جيئن: قصا، داستان، آکاڻي، ڳالهه، نيم تاريخي داستان، افسانو، ناول، شارٽ اسٽوري يا ڊرامو وغيره.

هي دؤر ڪمپيوٽر- موبائيل ۽ گلوبل دنيا جو آهي جنهن ۾ ماڻهو واندو هوندي به پاڻ کي مصروف ٿو سمجهي؛ ان ڪارڻ پنهنجو پاڻ کي ڪنهن ڊيگهه واري معاملي ۾ ڦاسائڻ کان پاسو ڪرڻ لاءِ مختصر اسمن تي اڪتفا ڪندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جديد دؤر جي نسبت ماڻهو فليش فڪشن جي وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو.

فليش فڪشن ڪهاڻين جو هڪ اهڙو وڻ آهي جنهن جي ڇانوري ۾ شارٽ- شارٽ اسٽوري (1000 لفظن اندر)، مائيڪرو اسٽوري (300 لفظن تائين)، نينو فڪشن (55 لفظن اندر)، ڊريبل فڪشن (100 لفظن تائين)، ٽئيٽريچر فڪشن (23 لفظن تائين) وغيره اچي وڃن ٿا.

اهڙي قسم جي ڪهاڻين کي دنيا جي مختلف ادبي سماجن ۾ پنهنجي سڃاڻپ خاطر الڳ نالن سان ورتو ويندو آهي جيئن: پوسٽ ڪارڊ اسٽوريز، پام سائيز اسٽوريز، سموڪ اسٽوريز وغيره.

ائين به ناهي ته فليش فڪشن کو ڪهاڻيءَ جي لوازمات کان وانجهيل آهي. بلڪ، هن ۾ ڪهاڻيءَ جي اهم عنصرن: پلاٽ، ڪردار نگاري، منظر ڪشي، واقعات نگاري، زمان ۽ مڪان، ٻولي ۽ نقط نظر سان پڄاڻيءَ جو خيال رکيو ويندو آهي.

فارسي ادب ۾ شيخ سعدي، رومي ۽ ڪنهن حد تي فريدالدين عطار جي تحريرن ۾ اهڙي قسم جون ڪهاڻيون اڃي ٿيو وڃن جن کي فارسي ادب ۾ 'حڪايتون' ڪوٺيو ٿو وڃي. هندستان جي قديم پالي ادب ۾ 'جتاڪا آڪاڻين' کي به فليش فڪشن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. ايسپ جون ڪهاڻيون به ساڳئي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو.

سنڌي ادب ۾ به وتائي فقير جا ٽوٽڪا يا نقل نظير وغيره به اهڙي قسم جي هڪ لڙهيءَ ۾ اچي وڃن ٿا. ڏنو وڃي ته پهاڪا يا چوڻيون به پنهنجي پس منظر تحت ان قسم جي ادب جو حصو آهن. ان اهڙي قسم جي ادب جو سڄو سارو مرڪز اختصار تي آهي. اهڙو اختصار ئي عام ماڻهن جي ڏيان کي پاڻ ڏانهن موهي وجهي ٿو. جديد دؤر جي گهرجن آهر هر ماڻهو اختصار کي ترجيح ڏئي ٿو؛ ان ڪارڻ ادب سرجيندڙ به ان ڏانهن مائل ٿي رهيا آهن. هاڻ، اهو لکندڙ تي آهي ته ڪنهن به ڪهاڻيءَ کي پنهنجي لوازمات آهر ڪيترو مختصر ۽ جاذب بنائي ٿو.

هن ڪتاب جي ليکڪ اهڙي قسم جي ڪهاڻين جي شروعات سوشل ميڊيا تي ڪئي ۽ ان کي شارٽ- شارٽ اسٽوريءَ جي نالي آهر 'مختصر- مختصر ڪهاڻي' ڪوٺيو؛ جنهن کي بعد ۾ مرڪب لفظ ۾ ورجاءَ سبب 'اختصاري ڪهاڻيءَ' جي اصطلاح جي راءِ ڏني وئي. مذڪوره اصطلاح ان نسبت ڪم آندو ويو جو اسان وٽ فليش ڪهاڻين لاءِ ڪو خاص نالو اڃا تجويز نه ٿي سگهيو آهي. هي اصطلاح پنهنجي نراليت سبب ڪنهن حد تي قبول ٿيڻ جوڳو آهي. اهڙي قسم جي جديد سنڌي ادب ۾ قاضي علي رضا جون ڪوششون ساراه جوڳيون آهن. اهڙي پيار جي پورهئي لاءِ ڪيس جس هجي. وڌيڪ لاءِ ڪيس راءِ ڏجي ٿي ته اهڙي قسم جي 'فليش فڪشن' جي معاملي تي علمي تحقيق ڪري سنڌي علم و ادب جو ڳاٽ اوچو ڪري.

سنڌ سلامت- ساهه سلامت

**ڊاڪٽر الطاف جوکيو**

## پنهنجي پاران چار سٽون

# معذرت سان.........

- جيڪڏهن سماج بدبودار گٽر آهي ته اسان سڀ ڪيڙا.
- منهنجي ڪهاڻين تي ڪاوڙ نه ڪريو، پنهنجي آس پاس ڏسي وٺو.
- اگهاڙي ماڻهو وٽ گريبان جو تصور ناهي هوندو.
- توهان ڪي حق آهي ته آئيني کي گهروڙي پوندو ڏيو.

**علي رضا قاضي**

# پبلشر جي ڊيسڪ تان

علي پبلشرس اينڊ ڪمپيوٽرس سينٽر ٺاروشاه مان ليکڪ علي رضا قاضي جو هي ٻيون ڪتاب ڇپجي پڌرو ڪندي دلي مسرت محسوس ڪري رهيو آهيان. ان ڪان اڳ ساهتيءَ جي تاريخي شهر ٺاروشاه تي هن جو دستاويزي ڪتاب ”ٺاروشاه 9 ڪلوميٽر“ سال 2012ع ۾ ڇپايوسين. توڙي جو ان ڪتاب جو مارڪيٽ تمام ننڍو مطلب ٺاروشاه ۽ ان جي پرپاسي تائين هو پر ڏسندي ڏسندي مڙئي ڪاپيون وڪامي ويون. ڪتاب جي بروقت وڪري سان اهو مفروضو به غلط ثابت ٿيو ته سنڌي ماڻهو ڪتاب نه ٿا پڙهن.

سنڌي ماڻهو نه صرف ڪتاب پڙهن ٿا پر انهن کي هاڻ سان به هنڊائن ٿا، جنهن جي ڪري علي رضا صاحب جو فيس بوڪ تي پبلش ٿيندڙ ننڍڙيون ڪهاڻيون گڏ ڪري هن جي اجازت سان ”معذرت سان“ نالي ڪتاب ڇپرائي رهيا آهيون. ”معذرت سان“ ۾ آيل ڪهاڻين جو سنڌي ادب ۾ ڪهڙو مقام بيهندو اهو ته وقت بهتر فيصلو ڪندو، بس مان هتي ايترو لکندس ته انهن مختصر ڪهاڻين ۾ وڏو سبق سمايل آهي!

آخر ۾ دوستن کي گذارش ته ڪتاب خريد ڪن، نه صرف پاڻ پر پنهنجي دوستن کي به ڏانءُ ڏين ته ڪتاب انسان جو بهترين ساٿي آهي ضرور خريد ڪريو. ڪتاب خريد ٿيندا ته اسان ۾ ٻين ڪتابن ڇپڻ جو اتساهه ٿيندو، جنهن جي معرفت ئي سنڌي ادب جي آبياري ٿي سگهي ٿي.

ڪتاب جي ڇپرائڻ سلسلي ۾ ڊاڪٽر نصرت پروين سهتو صاحبه جون اڻ ڳڻيون مهربانيون، جنهن مالي مدد ڪئي. جيڪو ساٿ اسان جي لاءِ وڏي همٿ جو ڪارڻ رهيو، ساڳي وقت صحافي علي ڪامران سهتو صاحب جون محبتون جنهن پنهنجي قيمتي وقت سيڙائي پرنٽنگ جي سلسلي ۾ رهنمائي ڪئي. منهنجي دوستن، رياض حسين موريو صاحب ۽ برڪت علي اڄڻ صاحب منهنجا ٻانهن ٻيلي رهيا جن جو پڻ شڪريه ادا ڪريان ٿو.

**مظفر علي سهتو/ ٺاروشاه**

# زندگي ۽ نڳي

هوءَ ڪافي سالن ڪانپوءِ ملي، سندس سان گهاريل ڪجهه گهڙيون ذهن جي پردي تي تري آيون. ڪافي بدلجي وئي هئي. پر سندس مسڪرائڻ جي عادت ساڳي هئي. مرڪڻ مهل ڳٽي تي چگهه جو نشان نهي پوڻ ۽ ها هن جي اکين جي شرارت بہ نہ مَٽي هئي.
وڏي شهر جي وچولي هوٽل تي اجا ويناسين ئي مس تہ فقير ڦري آيو. ”جوڙي سلامت بابا، الله جي دعا ڪجهه ونڊ ڪرايو.......؟“ ”الله جي دعا“ جملو ٻڌي ٿهڪن ۾ پئجي وئي! ”فقيرَ! الله سائين بہ دعا ڪندو آهي ڇا!؟“ ٽهڪن ۾ ئي فقير کان سوال پڇي ورتائين. فقير اوچتو سوال ٻڌي مٽي ڪي ڪنهڻ لڳو ۽ بنا خيرات ونڻ جي رمندو رهيو.
”ياد اٿئي، هڪ ڀيري توهان جي گهر آئي هئس، در تي هڪ ماڻهو آيو، جيڪو چئي پيو تہ سندس ماءُ گذاري وئي آهي. ڪفن لاءِ پئسا ناهن!“ فقير جي وڃڻ ڪانپوءِ هن ڳالهايو.
”ها ياد آهي ۽ ها توکي اهو بہ ياد هوندو مان توکي ٻڌايو هو تہ اهو شخص هر ڇهين مهيني ماءُ يا پيءُ ڪي ماري انهن جي ڪفن لاءِ چندو ڪرڻ نڪرندو آهي!“ منهنجي اها ڳالهہ ٻڌي ٻيهر ٽهڪن ۾ پئجي وئي.
”ها بس ماڻهو اهڙا ئي فنڪار آهن.“ هن ڳالهايو. ”حيدرچوڪ وارو همراهہ ياد هوندءِ جنهن مٽياري وڃڻ لاءِ 10 روپيا ڪرايو گهريو هو، مون ڇيو مانس تہ پئسا کُليا ناهن، سو جو نوٽ آهي، جنهن تي ان همراهہ ڇيو مونکي ڏي کُليا ڪري ڏيانءِ...!“ مان هڪ ساروٽي هن کي ٻڌائي.
”ها پوءِ توکي ياد هوندو اسان ايڏو تہ کليا هئاسين جو پيٽ ۾ سور پئجي ويو هو...“
”۽ پوءِ ڪافي دير هيٺ فوٽ پاٿ تي وينا رهياسين، پوءِ اهو شخص ککو وکو ٿي روانو ٿيو هو!“ هن منهنجي ڳالهہ کي مڪمل ڪيو ۽ ٽهڪن ۾ پئجي وئي. گهڻي کِلڻ ڪري هن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. ڪجهہ دير ۾ هن جا ٽهڪ بند ٿي ويا، پر لڙڪ جاري رهيا. مان سمجهي رهيو هئس تہ اهي هاڻي خوشيءَ جا ڳوڙها ناهن.
هوءَ ڪنڌ هيٺ ڪري ڪن پل ۾ سڏڪن ۾ پئجي وئي. منهنجي ڪافي اسرار ڪانپوءِ فقط ايترو ڳالهايائين تہ ”زندگي توسان ۽ مونسان بہ تہ انهن نڳن وارو ڪم ڪري وئي! جنهن کي تہ نہ پڪڙي سگهياسين...!“

“ھا بس زندگي ننڍي ئي تہ آھي!” مان پنھنجي ڳلي مان زوريءَ آواز ڪڍيو. ھوءَ ھاڻي سڏڪن ۾ پئجي وئي ۽ مان ڪوشش جي باوجود ھن کي پرچائي نہ سگھيس!

# سوئر جو پٽ

پريل فيصلي ۾ نوجوان وڏيري خانڻ جي ڪاوڙ ڏسڻ وٽان ھئي. باگڙين جي تڪرار ۾ ريشما باگڙياڻي جي پٽ جو ڏوھ ثابت ئي نہ ٿيو ھو تہ ھن اڳ ۾ ئي سندس پٽ تي گارين جا ڏوڙيا لائي ڏنا. دنيا جھان جون سڀ گاريون ڏئي وڏيرو خانڻ ريشما ڏانھن منھن ڪري چوڻ لڳو:

”ريشي، تنھنجو پٽ ماڻھو جو تہ اولاد ئي ناھي، ڪو سوئر جو پٽ آھي. لڳي ٿو تون ڪنھن مرونءَ سان سُتي ھئينءَ.......؟؟؟“

’سوئر جو پٽ... مرون سان سُتي ھئينءَ...‘

ريشما، گار ٻڌي پاڻ کي ٻوڙو محسوس ڪيو، ھن جي نظر لانديءَ ۾ لڳل وڏيري خانڻ جي پيءُ مرحوم رئيس جانڻ جي تصوير تي ڄمي وئي.........

”سوئر جو پٽ...... ھا سوئر جو پٽ ...... ھوءَ چپن ۾ پڙڪي رھي.

ٻئي طرف وڏيري خانڻ جي گارين جا سلسلا جاري ھئا.

# واپار

قادن: ادا علي مراد، مان 90 ھزار ڪان وڌيڪ ھڪ ٽڪو نہ ڏيندس...

علي مراد: ادا شابس اٿئي جو قدر ٿو ڪرين...نہ ايئن نہ ٿيندو!

شاھن: چاچا علي مراد، 90 ھزار بہ لک جا پائر آھن ۽ لک گھٽ تہ ناھي...؟؟

سومر: چاچا قادن ۽ ادا شاھن، منھنجي پيڻ ڳوٺ جو نڪ آھي، اصل لاٽ آھي لاٽ...توھان صفا گھٽ پئسا پيا ٻڌايو...!

“بابا، پلا پنج ھزار وڌيڪ ڏيون...” شاھن، قادن جي ڪن ۾ پڙڪيو.

“نہ ھڪ روپيو بہ نہ چوڪري منھنجي ڏٺل آھي، 50 ھزار بہ نہ لھي، بس تنھنجي ضد ڪري 90 ھزار چيا آھن...” قادن،

شاھن کي جھٽڪ ڏيندي ڳالھايو، جيڪو ٻين بہ ٻڌو.

“قادن! ولوءَ وارن لک 20 هزار چيا هئا، رڳو تنهنجي سرِ جي ڪري لک ڇيم، نہ تا ڏئي سگھو تہ انڪار سمجھو...!!” علي مراد، فيصلو ٻڌايو.
“اڙي ادا، وڙهو نہ...نہ لک نہ 90 هزار بس 95 هزار...بس پائر تي وجو...” وچ ۾ آيل دادن، ٻنهي ڌرين کي ٺاهي ڇڏيو.
“مبارڪون...مبارڪون......مبارڪون”
قادن، علي مراد کي پتاشو کارائيندي چيو. ‘مبارڪون’ چوڻ ۾ وينلن بہ هن جو سات ڏنو.
.......................................................................
پٽ جي اوٽ ۾ بيٺل، نوريءَ پنهنجي وارن تان هٿ هيٺ منهن تي آندو، اهو يقين ڪرڻ لاءِ تہ هوءَ جانور آهي يا انسان...!؟ ان وچ ۾ هن جي ڳلن تان بہ ڪوسا ڳوڙها، رئي کي ڇهندي هيٺ ڌرتيءَ جي ڌوڙ ۾ گم تي ويا...

# ڪمائي جي سيزن

“ظهور پٽ! آرام جا ڏينهن ختم... هاڻي تياري ڪر
جمن ٽيڪسي واري کي بہ ٻڌاءِ، لائوڊ اسپيڪر بہ ڪار ۾ سيٽ ڪرڻا آهن...
...۽ ها تون بہ ڪارا مرچ ڪائي نڙي کي تکو ڪر...يڪو اعلان ڪرڻا اٿئي...
ها، ٻيو ٻڌ! غريبن ۽ مسڪينن جي مدد بابت قرآن جون ڪجھ آيتون، ڪجھ حديثون ۽ شاه جا بيت بہ ياد ڪري وٺ......ماڻهو وڏا حرامي تي ويا آهن، غريبن جي مدد نہ تا ڪرڻ چاهين......
ٻيو تہ هن ڀيري سامان ڪان وڏيڪ روڪ ڏوڪڙن جي اپيل ڪجان...
...۽ ها وسري نہ وڃئي، سون چاندي ڪنهن ڪان بہ ناهي وٺڻو...اڳئين ڀيري بہ پورا بہ تولا سون ڪوڙ لڳي ويو هو...!
ٻوڏون روز روز تہ ناهن اينديون...سيزن آ سيزن ڪمائي وٺون...!!”
ڪريم داد، هڪ ساهي ۾ پٽ ظهور کي مڪمل هدايتون ڏئي ويو

# ڪرچيون ٿيل وجود

صائم جي شاديءَ کي ڏھ سال ٿي ويا، ڏھ سال نہ ھئا ڄڻ ڏھ صديون ھيون...
ماءُ پيءَ ڪجھ سال اڳ گذاري ويس پر ھن لاءِ تہ ڏھ ورھيہ اڳ ئي مري ويا ھئا، جڏھن مرضيءَ سان گھران نڪتي ھئي!
’پيار جي شادي......’ جملي تي سوچيندي عجيب ڪشمش ۾ مبتلا ٿي ويندي ھئي!!
ياد آيس سھاڳ رات، جڏھن صادق ويجھو اچي "جان او جانو" چيو ھئس تہ حيرت مان ھن ڏانھن ڏٺو ھئائين.
"ڏس صادق! ھاڻي مان تنھنجي زال آھيان، تون منھنجو مڙس... جان جانو جي خوابن مان نڪري اچ...ءِ ھا مونکي خبر آھي تہ ڪجھ دير ۾ تون مونسان ڪھڙو حشر ڪندين...!!؟" ڳالھ سوچيندي چپن تي مسڪراھٽ تري آيس.
محبت پويان پڄڻ ڪري گھڻو ڪجھ وڃائي چڪي ھئي
موبائيل ميسيج ۾ آيل اڀني مورو جو قول ياد اچي ويس: "رشتا ٽٽڻ سان مرد فوٽبال جيان گول ڦري ڏڪ ساٽي ويندو آھي، عورت شيشي جيان ڪرچيون ٿيو وڃي!" قول ياد ايندي گھڙيءَ لاءِ اکيون ٻوٽجي ويس!
اکيون بند ئي ھئس تہ ڪلھي تي پتڪڙي ھٿ جو ڇھاءُ ٿيس، ساجد، ھن جو ننڍو پٽ بيٺو ھو.
"جي منھنجا ٻچا!"
"امي او امي! اچ پڦيءَ ماريو ءِ ڇئي پئي ھل پاڄوڪڙ جا ڦر...
امي! پاڄوڪڙ ڇا ٿيندي آھي...!؟"
پٽ واتان ’پاڄوڪڙ’ جو لفظ ٻڌي، پاڻ کي شيشي جو ٺانءُ محسوس ڪيائين...جنھن جون ڪرچيون سڄي ڪمري ۾ پکڙيل ھيون.

# رمضان

اربو موچيءَ جي ننڍڙي ڌيءُ آمنہ پنھنجا ننڍڙا پر تيز قدم کڻي پنھنجي بابا وٽ پھچي وئي. ھن جي اکين ۾ تجسس ھو، ڪجھ سوال ھئا جيڪي پنھنجي بابا کان پڇڻ ٿي گھريا.

هن جو بابا ٿڪل هو. هاڻي ئي ته گهر آيو هو پر ننڍڙي پتڪڙي نينگريءَ ڪي سوال جي جواب ڄاڻڻ جي ڏاڍي تڪڙ هئي. سندس پيءُ جيئن ئي منهن ڌوئي ڪٽ تي وينو ته آمنه سوال پڇي ورتو.

"او بابا منهنجا منڙا بابا! ٻاهر هڪ ماڻهو ٻئي کي چئي پيو سياڻي رمضان آهي، روزا رکنداسين." نينگريءَ ساهي پٽي سوال جاري رکيو. "بابا، هيءُ رمضان ته ماڻهو جو نالو هوندو آهي پوءِ روزا.......... منهنجا منا بابا، مونکي ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي. يلا تون سمجهاءِ!؟"

اربوءَ پنهنجي معصوم ڌيءُ جي معصوم سوال تي هن جي معصوم اکين ۾ نهاري آسمان ڏانهن منهن ڪري هڪ ٿڌو ساهه کنيو. هن کي سمجهه ۾ نه اچي رهيو هو ته ڪهڙن لفظن سان ڌيءُ جي معصوم سوال جو جواب ڏئي!

گهڙي کن سانت ۾ رهي، ڳالهائڻ لڳو: "منهنجي امان، رمضان هڪ مهيني جو نالو آهي، جنهن ۾ اسان روزا رکندا آهيون. روزن ۾ ڪجهه به کائبو پئبو ناهي ۽ ها......" اربوءَ کان ڳالهه پوري نه ٿي، سانت ڇانئجي وئي.

"يلا پوءِ بابا! اسان جي گهر ۾ هر مهينو رمضان ۽ هر ڏينهن روزو ڇو هوندو آهي!!"

ڌيءُ جي ڳالهه ٻڌي اربو موچيءَ کان ڇرڪ نڪري ويو. هو ڪلهي تي پيل پراڻو ميرو رومال ڪڍي پنهنجو ڌوتل منهن اگهڻ لڳو، جنهن ۾ لڙڪ به شامل هئا.

# سول سوسائٽي

منهنجو وڏو ياءُ سول سوسائٽي جو سرگرم ميمبر آهي. خاص ڪري ملڪ ۾ جڏهن به قتلام ٿئي ته سنگت طرفان مقتولن جي ياد ۾ 'ميڻ بتيون روشن پروگرام' جو بندوبست هن جي حوالي هوندو آهي!

ڪراچي ۾ ٽيل ڪوس تي به هو چپ نه رهيو، مونکي پئسا ڏيندي چيائين ته "بازار مان ميڻ بتيون وٺي اچُ" ان کان اڳ چپن ۾ ڪجهه پٽڪندي، آڱرين تي ڳڻپ ڪانپوءِ ڳالهيائين "پوريون پنجاهه... نه گهٽ نه وڌ..." مان سمجهي ويس ته پنجاهه ماڻهو مري ويا آهن ان ڪري اوتري تعداد ۾ ميڻ بتيون گهرائي پيو.

اهو اتفاق چئجي يا ٻيو ڪجهه، مان پل ۾ هڪ سو ميڻ بتيون وٺي آيس! وڌيڪ ڏسي پهريائين ته ڪاوڙيو پوءِ مسڪرائيندي باقي وڌيل 50 ميڻ بتيون مونڏانهن وڌائيندي چيائين،

“هي وٽ هٽيڪيون ڪر، جلدئي ڪم اينديون...!!”

# معذرت سان

پوٽار! توهان جو نياپو پهتو پر ٻن سالن کانپوءِ منهنجي مرحوم بابا جي تعزيت لاءِ اچڻ جي زحمت نہ ڪريو!
بابا نهايت سڪون سان خدا ڏانهن روانو ٿيو هو، هاڻي هو سيد قنبر شاه مقام ۾ ننڊ ڪري پيو...توهان کي هن جي آرام ۾ خلل وجهڻ جي اجازت نہ ٿي ڏئي سگهجي...
مهرباني ڪري منهنجي والد صاحب جو روحاني ۽ منهنجو ذهني_جسماني سڪون برباد نہ ڪريو!
معذرت سان، توهان جي تعزيت جي هاڻي ضرورت ناهي...
فقط
توهان جي تڪ جو ووٽر

# اونداهو چنڊ

ماريہ مسيح پنهنجي معصوم ٻارن سان گڏ مڙس جوزف جو لاش سجاڻي نہ سگهي!
مرده خاني ۾ پيل سوڪيل لاش، جوزف مسيح جوئي هو. جوزف، جيڪو مقدس اوراقن ساڙڻ جي الزام ۾ زنده جلايو ويو، انصاف جي تقاضا پوري ڪئي وئي.
اها ڳالهہ جيڪا عام ماڻهن لاءِ واقعو ۽ جوزف جي خاندان لاءِ سانحو هئي، شام جو ٿي؛ جڏهن ڪالوني جي گند جي ڍير تان اڌ سڙيل مقدس اوراق هٿ آيا.
پوليس پهري هيٺ جوزف جو سڙيل لاش گهر آندو ويو. لاش گهر جي اڱڻ تي رکي ماريہ ڪنڌ مٿي ڪري آسمان ڏي نهاريو. آسمان روئي رهيو هو، سڀ تارا هن جا ڳوڙها هئا.

هن اتي پاڻي جي ٽانڪيءَ مان هٿ ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي، ايئن لڳس تہ پاڻي ڳالهائيندو هجي. "ڌس مان ڏاڍو ٿڌو آهيان، مون سان جوزف ڪي نہ وهنجارجان."
سڙيل گهر جي ڪنڌ ۾ پيل ڏيئي جي روشني مڌم ٿيڻ لڳي، ڄڻ هو چوندو هجي "هن دنيا ڪي مان وڌيڪ روشن نہ ٿو رکڻ چاهيان."
ماريہ پاڻ کي جوزف جي ويجهو آندو، هن کي ڪجهہ آواز ٻڌڻ ۾ آيا، ڄڻ جوزف ڳالهائيندو هجي، پر ايئن نہ هو. هن پاڻ سنڀاليو، ڳرن قدمن سان هلڻ لڳي. گهر جي هر ڪنڌ ڄڻ هن کي ٿيلها ڏيندي هجي. هوءَ ٿورو هلي پنهنجو توازن سنڀالي نہ سگهي. هن جا گوڏا زمين سان ٽڪرائڻ ۾ صديون درڪار ٿي ويون.........
سوڳوار گهر جي مٿان چنڊ روشني نہ پر اوندهہ اڇلائڻ لڳو، ڪتا هن کي ڏسي روڙون ڪرڻ لڳا هو بہ روڙن ۾ انهن جو سات ڏيڻ لڳو.
سڄي ڪالونيءَ ۾ سوڳ جي لهر هئي. ارشد بوڪ اسٽور واري کي اها خبر پوندي بخار ٿي ويو. هن جو دماغ هيروشيما ۽ ناگاساڪي بڻجي ويو. سوال، ائٽم بم ٿي وسڻ لڳا تہ هن ردي جا ڪتاب جن ۾ اسلاميات جون گائيڊون ۽ نوٽس بہ شامل هئا، احتياط سان ساڙي گند جي ڍير تي اڇلايا هئا پوءِ ڪجهہ سڙڻ کان ڪيئن بچي ويا!؟

# ڪتي جي خودڪشي

هن جو شمار بہ شهر جي لوسي ڪتن منجهان ئي هو. ڪجهہ ڏينهن اڳ شهر ۾ اينڊڙ ڏارين ڪتن جي حملي ۾ سخت زخمي ٿي پيو هو. ڪنڌ ۾ چڪ لڳڻ ڪري اتي گهاءُ ڪجهہ سڄيهہ هئس، ويتر اتي ڪيڙا ٿيڻ ڪري ڏاڍي اذيت ۾ ورتل هو.
اهڙي حالت ڏسي هن خودڪشيءَ جو فيصلو ڪيو. پاڻ مارڻ ايترو آسان تہ ناهي.......!!
پر پوءِ بہ هو ان نتيجي تي پهچي ويو تہ وڌيڪ جيئرو نہ رهي سگهندو. هر گهڙي هن لاءِ تڪليفن ۾ واڌارو آڻيندي.
خودڪشي ڪيئن ڪجي...؟؟ ان لاءِ هن سولو طريقو ڳولي ورتو، صبح کان شهر جي ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري چڪر لڳائڻ شروع ڪيا. هن کي آس هئي تہ ميونسپل ڪاميٽي وارن وٽ ڪتن مارڻ جو زهر هوندو آهي، هن جي حالت ڏسي يقينن سندس اڳيان مانيءَ ۾ ملائي اڇلائيندا، هو خوشي خوشي اها ماني کائيندو ۽ پوءِ سڀ تڪليفون هڪ لحظي ۾ لهي وينديون..........پر هن کي اهو ڏسي مايوسي ۽ حيراني ٿي تہ ميونسپل ڪاميٽيءَ جي چوڌاري 4 چڪر ڪاٽڻ ڪانپوءِ بہ هن جو ڪنهن نوٽيس نہ ورتو آهي!!!

آخر هو ٽڪجي ڪاميٽي گيٽ تي ببيهي رهيو ته من ڪو هن جو زخم ڏسي، چتو سمجهي مارڻ جي ڪوشش ڪري. هن جي اميد تڏهن ختم ٿي جڏهن هن ميونسپل آفيسر کي هڪ پنگياڻيءَ سان ڳالهائيندي ڏٺو. آفيسر پنگياڻي جي چاتيءَ کي ٽڪيندي سرباٽن ۾ چئي رهيو هو "تو واري مڙس کي ڊڪٽي ۾ ڊڪ پائي ٻڌي مرڻ گهرجي، ڪتن مارڻ لاءِ ايندڙ زهر ڪپائي ٻه تنهنجي خاندان جي پوري ڪيان ٿو پر تنهنجي مڙس جا اعتراض ۽ غيرت ختم نه ٿي ٿئي.......!!"

ڪتو، وڏيڪ گفتگو نه ٻڌي سگهيو، البته "ڊڪٽي ...ڊڪ ۽ مرڻ...." واري ڳالهه هن کي سمجهه ۾ اچي وئي، جسم ۾ ڦڙتي اچي وييس.......ڪنڌ ڊاري تيز وکون کڻندو شهر جي مين رستي ڏانهن رخ ڪيائين جتي ڪافي وقت کان 'ڊڪٽيءَ جي ڊڪ' کان وڌيڪ پاڻي بيٺل هو...

# هل من ناصر ينصرنا

ڏهين محرم جو مرڪزي جلوس گهٽي مان گذري رهيو هو. ماستر هريام گهر جي اڱڻ تي مومنن پاران 'ياحسين' جون صدائون ٻڌي رهيو. سائنڻ سڪينه جي نوحي تي ڌيءُ ڪامنا ياد اچي ويس.

ڪامنا، جيڪا سال اڳ گهران پيجي وئي...!؟ پجائي وئي...!؟ يا اغوا ڪئي وئي.......365 ڏينهن گذرڻ باوجود هو اها مام حل نه ڪري سگهيو!!

ابن زياد جي دربار جهڙي ڪورٽ ۾ سال اڳ ڪامنا کي آخري پيرو ڏٺو هئائين، هرڻي جيان هراسيل ڪامنا نماڻين اکين سان هن ڏانهن ڏسي ڪجهه ڳالهائڻ چاهيو "بابا او بابا...!" ان کان اڳ جو هوءَ ڪجهه چئي، هڪ ملعون شمر جهڙو هن کي جهرڪيءَ جيان جهٽي پري کڻي ويو. هن کي ياد آيو ته اهي سپ مولوي جيڪي سجو ڏينهن هڪ ٻئي کي ڪافر چوندي نه ٿڪبا هئا. هن معاملي تي ڪيئن نه هڪ ٿي ويا هئا!! ۽ هو "هل من ناصر ينصرنا" جي مصداق اڪيلو هو.

گهٽيءَ ۾ سينه زني جو آواز وڌي ويو. نوحه خوان "هاءِ سڪينه هاءِ سڪينه..." جو ورد ڪرڻ لڳو.سينه زني جو آواز هن کي فائرنگ لڳو. جڏهن ڪورٽ مان فيصلي اچڻ ڪانپوءِ مجاهدن خوشيءَ ۾ ڏوڙيا لائي ڏنا هئا.

هريام اکيون ٻوٽي ڇڏيون...نوحي جي هر لفظ تي هو پنهنجي ذهن ۾ ڪردار ناهيندو رهيو. حرمله، شمر، ابن زياد، ابن سعد، خولي ، حارث بن نوفل...سڀ ڪردار سندس شهر ۾ مسلمان مجاهدن جي صورت ۾ موجود هئا.
هن کي پاڙي جي اسڪول جو ماستر به ياد اچي ويو. جنهن 14 سالن جي ڪامنا کي سرٽيفڪيٽ ذريعي 18 سالن جو ثابت ڪيو هو...“يزيد تي لعنت” .......نعرو ٻڌي هن جو ڌيان موٽي آيو. ڪن پل ۾ هو ٻيهر ماضي ۾ هليو ويو. جڏهن ڪامنا 4 سالن جي هئي. هر عاشور جي ڏينهن پاڻ ۽ ڌيءُ ڪي ڪارا ڪپڙا پائي، گهٽي مان گذرندڙ ماتمي جلوس کي دير تائين ڏسندو هو. تڏهن به ننڍڙي ٻيبي سڪينه جو مصائب ٻڌي هو زار وقطار روئندو هو...
...۽ اڄ به هن جي ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪري رهيون هيون. اوچتو هن هڪ پتڪڙو هٿ پنهنجي پُسل ڳلن تي محسوس ڪيو. هن کي لڳو ڄڻ ڪامنا موٽي آئي هجي. بي اختيار وات مان لفظ نڪري ويس “ڪامن.......ا...” پر اها ڪامنا نه هئي سندس آخري ڌيءُ انجلي هئي. جيڪا حيرت ۾ پيءُ ڏانهن ڏسي پڇي رهي هئي، “بابا!، تون ڇو ٿو روئين...؟”
“ڪجهه به نه...بس ڪجهه به نه” چوندي ماستر هريام پنهنجي ڳلن تان ڳوڙها اگهي ڇڏيا.

# ۽ پري اڏامي وئي

اصل نالو سومل......... ماءُ، پيءُ ۽ پنجن ڀائرن جي دادلي ڀيڻ.
سڄي گهر جا ڀاتي هن تان گهور پيا ويندا هئا. پڙس ته نالو ئي پري رکي ڇڏيو هئس. هر وقت گهر ۾ ’پري...پري‘ جا آواز پيا گونجبا هئا.
پري جي ڀائرن کي پاڙي جو موچي ڇوڪرو نه وڻندو هو، جنهن لاءِ هنن محسوس ڪيو ته سندن گهر جا گهٽا چڪر لڳائي ٿو، انهيءَ جي باوجود هو، موچين جي ڇوڪري کي روڪي نه پيا سگهن. آخر ته سرڪاري گهٽي هئي ڪير ڪنهن کي پلا ڪيئن روڪي؟؟
جنوري جو اهو قاتل صبح، جنهن ۾ پاري قدرت جا سڀ رنگ ڄمائي سفيد ڪري ڇڏيا هئا: پريءَ جي ماءُ ننڊ مان جاڳي، هن کي پري کٽ تي ستل نظر نه آئي، گهر ۾ هيڏي هوڏي گهٽو ڳوليائين، هن کي پري نظر نه آئي ششدر ٿي وئي. جنوري جي ڇتي سيءَ ۾ هن پنهنجي دماغ ۾ جون جي تتهڻ اس محسوس ڪئي. پڇندي سهڪندي پري جي پيءُ جي بستر تي پهتي.
’پريءَ جا پيءُ، ’پريءَ جا پيءُ، اٿ ڏس، پري ڪيڏانهن وئي!؟

ماءُ جي رڙين تي پريءَ جا پائر به ننڊ مان جاڳي پيا. مردن پاڻ ڪي سنڀاليو....... سڄي گهر ۾ پريءَ جي تلاش ٿي پر پري ڪونه هئي...پائرن ۽ پيءُ جي دادلي پري...اڏامي وئي هئي. خبر ناهي الائي ڪنهن سان؟

پر اهو هن لاءِ ڪوه ڪاف جو شهزادو ئي هوندو.......... خير ڪيئن به هو.......پري اڏامي وئي!

# مائٽ ممو

مائٽ مموءَ ڪي الائي ڇا ٿي ويو هو جو هن اوچتو ئي پنڻ شروع ڪيو! مموءَ جي پنڻ ڪري بچاءَ بند جي ڀنهي پاسن ۾ آباد اسان جي برادري ۾ ڪاوڙ ۽ حيرت هئي!!

ڀلا ڇو نه هجي، اسان ڪچي پڪي جا بادشاه هئاسين. وڏا ڏاميچ به اسان جي تر ۾ ڏوهه ڪرڻ کان اڳ اسان جي آنڪي ڀريندا هئا، ڪنهن ٻئي برادري واري ڪي مجال هئي هو اک کڻي اسان ڏانهن ڏسي. پرواري شهر ۾ وجي اتي ڏاڍ مڙسي ڏيکاري ۽ پوءِ فقط اهو ٻڌائڻ ته اسان فلاڻا آهيون ئي ڪافي هو. انهيءَ ئي شهر ۾ مموءَ پنڻ شروع ڪيو جنهن جي ڪري اسان جي برادري تي حيف اچي رهيو هو. مون سميت برادري جي ڪافي ماڻهن مائٽ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو پنڻ بند ڪري پر مائٽ هو جو مڙڻ جو نالوئي نه پيو وٺي.

ممو، منهنجو مائٽ ۽ پاڙيسري به هو، مونکي هن بابت ڄاڻ هئي ته وقت جو پلوڙ رازو هو پر پيريءَ جي ڪري ڪير به هن کي ڪم نه ڏيندو هو. ماڻهن جو خيال هو ته هاڻ هن جي ڪم ۾ ڦڙتي نه رهي آهي. پنجن ڌيئرن ۽ ننڍي پٽ جي پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ هن گهٽائي جتن ڪيا هئا.

مائٽ مموءَ جي پنڻ جو مامرو برادريءَ ۾ سنجيده رخ اختيار ڪري رهيو هو. آخر اسان فيصلو ڪري سچي مرشد ڏي نياپو ڪيو ته هو اچي مائٽ کي سمجهائي ته پنڻ بند ڪري.

مرشد سائين، جنهن کي هونءَ به ساليانو ڏن وٺڻ لاءِ اچڻو هو سو نياپي ملڻ ڪانپوءِ ترت پهچي ويو. شام ڌاري برادري جا معزز وڏيري گامڻ جي اوطاق تي گڏ ٿيڻ شروع ٿيا، جتي مرشد جي ديدار، ڏن ڀرڻ سان گڏ مائٽ مموءَ جو معاملو به نبيرڻو هو.

مرشد ممو ڏي نهاري هن کي چوڻ لڳو ”ممن بابا، ڇو ٿو پنين، ڇو پيو برادري وارن جو منهن ڪارو ڪرائين...؟

مائٽ ممو جيڪو اچڻ ڪانپوءِ خاموش ٿي وينو هو مرشد جي سوال تي هن جون اکيون ڪروڌ ۾ پرجي ويون، پنهنجي مخصوص لهجي ۾ چوڻ:
“مرشد سائين! پنو تہ توهان بہ ٿا، مان ڪڏهن توهان کي چيو، هر سال مسڪين ماڻهن کان ڏن ونڻ پنڻ ناهي تہ پلا چاهي؟”
مائٽ مموءَ جو جواب ٻڌي، ڪچهري ۾ ڪجهہ دير لاءِ سانت ڇانئجي وئي، مرشد جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون پر چپ رهيو. وڏيرو ڳامڻ اٺي بينو هڪل ڪري چيائين: “بي پيرا، مروان، ڪميٽا بيغيرت توکي شرم نہ آيو مرشد کي اهڙا لفظ ڳالهائيندي، اٺ نڪر منهنجي اوطاق مان نہ متي ۾ ڏوڙ وجهندو سانءَ...”
انهيءَ ڏينهن، انهيءَ گهڙي ڪانپوءَ ڪنهن بہ مائٽ مموءَ کي نہ ڏٺو. برادري وارن جو خيال آهي تہ مموءَ مرشد جي توهين ڪئي هئي، انهيءَ ڪري هن کي سائين جا جن ڪوه ڪاف ڏانهن کڻي ويا. برادري وارا سمجهندا آهن تہ مان انهن سيني کان وڌيڪ پڙهيل آهيان، منهنجو بہ اهو ساڳيو خيال آهي تہ مائٽ مموءَ کي سچي مرشد جا جن کڻي ويا هوندا.

# حج جي بشارت

يوسف حجم، منهنجو جگري يار، جاني دوست، پاءَ ۽ منهنجي ٻچن جو چاچو.
يوسف جو لاش ڳوٺ ٻاهران رئيس جي ٻنيءَ مان انتهائي خراب حالت ۾ مليو. مارڻ کان پوءِ جسم جي بيحرمتي ڪئي وئي هئي. هن جو نڪ، ڪنَ، چپ وڍي اکيون ڪڍيون ويون هيون.
يوسف کي ايڏي بيدردي سان ڪنهن ۽ ڇو ماريو؟ سوالَ ذهن جي تاڪن کي وڄائڻ لڳا. جوابَ خاموشيءَ ۽ گهگهہ اونداهي ۾ ترورن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هئا.
ڪافي پيرا يوسف مونسان ڪچهري ڪندي ان وقت چپ ٿي ويندو هو، جڏهن رئيس ان جي حويلي ۽ رئيس جي سهڻي ڇوڪري سسئي جو ذڪر نڪرندو هو.
ها البتہ ڪجهہ ڏينهن اڳ هن مونسان مرڪندي ڳالهہ ڪئي هئي تہ پير جڙيل شاه هن کي حج جي بشارت ٻڌائي آهي، هو هاڻي جلد حج تي روانو ٿيندو!
يوسف جون اهي ڳالهيون سوچي خيالن ۾ گم هئس تہ منهنجي ننڍڙي پٽ عباس پڇيو،
“بابا! چاچا يوسف کي ڇا ٿيو آهي، هو ڪاڏي ويو...؟”
پٽ جي سوال تي منهنجي اکين جا بند ٽٽي پيا، اوڇنگارون ڏئي روئڻ لڳس، عباس کي ويجهو ڪري ڀاڪر پائي گلوگير لهجي ۾ چيو مانس:

"بابا، تنهنجو چاچو حج تي هليو ويو."

# ٻشني

ڪَريم عرف ڪَرو منهنجو ڪلاس فيلو هو. پنجين درجي تائين هڪ ئي بينچ تي گڏ ويهي پڙهياسين. اڳتي هلي هو ٻشني تي ويو ۽ مان ماستر.......
ڪجھ ڏينهن اڳ پوليس ۾ڏي ويس ڏاڍو مارينس. طبيعت پڇڻ ويو مانس. هميشه جيان مسڪرائيندي مليو ۽ اکين ۾ ڪئي سوال هئس. انهيءَ ڪان پهريائين جو پاڻ سوال ڪري؛ پڇي ورتو مانس ته: ٻشنگيري جو ڌنڌو ڪڏهن کان شروع ڪيائين...؟؟ وراڻيائين "جڏهن کان انسانن لباس ۾ ڪيسا لڳرايا تڏهن کان مان ٻشني آهيان!!" هن جو جواب ٻڌي ٻئي ٽهڪن ۾ پئجي وياسين.
چيو مانس: "يار ڪرو، هاڻي گهڻو ٿيو، ڇڏ انهيءَ واهيات ڪرت کي..." جواب عجيب هئس "تون ماستري ڇڏي سگهندي جو مونکي ٻشنگيري ڇڏڻ جو چئين ٿو.......؟؟؟"
"پر يار، توکي ماستري ۽ ٻشنگيري ۾ ڪو فرق محسوس نه ٿو ٿئي!؟" مون هن کان آڏو سوال ڪيو. "نه ڪو ٻه فرق ناهي سڀ ڌنڌا هڪ جهڙا هوندا آهن!!" پنهنجو ڇٽو موقف بيان ڪيائين...
"پر يائو، توکي ماڻهو سٺي نظر سان نه ٿا ڏسن!!" مون چيو.
"......۽ توکي منهنجو مطلب ماسترن کي، پوليس وارن کي، ڪلارڪن کي......۽......۽......کي ماڻهو چڱي نظر سان ڏسندا آهن...!!؟؟"
مان هن کي وڌيڪ ڪجھ نه چئي سگهيس، موڪلائي وڃڻ لڳس ته چيائين: "ماستر! منهنجا ٻه ڪجھ سوال آهن، پلا انهن جو جواب ته ڏيندو وڃ؟؟" "نه مون کي اسڪول پهچڻو آهي، ٻئي دفعي..." مان هلندي جواب ڏنومانس.
ڪجھ عرصي کانپوءِ خبر پئي ته پنجاب ويندڙ هڪ ٽرين ۾ ڪيسو ڪٽيندي پڪڙجي پيو. مسافرن سخت مارڪٽ کانپوءِ هن کي هلندڙ گاڏيءَ مان هيٺ ڪيرائي ڇڏيو. سخت ڌڪ لڳڻ سبب مري ويو.
اسان هن جو لاش ڪٽائڻ لاءِ سکر پهتاسين جتي جي اسپتال ۾ لاش رکيل هو. مان ۽ هن جي ماءُ سڃاڻپ لاءِ مرده خاني ۾ وياسين.
شناخت تي اهو ڪَرو جو ئي لاش هو. هميشه جيان مسڪرائيندڙ چهرو، کليل اکيون جن ۾ سدا وانگي انيڪ سوال: جن جا جواب اسان وٽ ناهن هوندا.

# ڪافر ڪير

رات جو وقت هو. هر پاسي خاموشيءَ جو پهرو.........
رڪي رڪي ڪجھ ساعتن ۾ ’الله اڪبر‘ جا ڊبيل نعرا ٻڌڻ ۾ ٿي آيا.
بند ڪمري ۾ وڊيو ڪئمرا جي فليش لائٽ ڏينهن جو ماحول پيدا ڪري رهي هئي. ڪمري جو هر منظر رڪارڊ ٿي رهيو هو.
ڪجھ دير ۾ ’الله اڪبر‘ جا نعرا ٻيهر شروع ٿي ويا. مخالف فرقي جو اهو پنجون همراهه هو جنهن کي هڪ ٽيبل تي سمهاري ڪنو پئي ويو.
20 سالن جي ويجهو نوجوان الله اڪبر جو ورد ڪندي تيزي سان ستل همراهه جي ڳلي تي ڇري وهائي رهيو هو. هن جي نرڙ تي گهنج اچي ويا، وات پڪوڙجي ويس، محسوس ٿيو ته هن پيري هن کي خلاف توقع وڌيڪ زور ڏيڻو پيو آهي.
اها حالت ڏسي وڊيو پريندڙ همراهه رڙ ڪري چيس “مجاهد ڇا ٿيو، خير ته آهي!؟”
“خير ڪهڙو، مولوي صاحب کي چيو به هئم ته 8 ڪافرن کي ڪهڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڇريون هجن، هن هڪ ڇريءَ ته هٿ ۾ سور ڪري ڇڏيو آهي. اجا پوئتي ٽي خنزير آهن، ڪيئن ڪم ٿيندو؟؟”
نوجوان ڳالهائيندي پنهنجي پيشانيءَ تان ڪنل جو رت به صاف ڪري ورتو.
گفتگوءَ هلندي ڪمري جو ڪڙو کڙڪيو، ٽيون همراهه جيڪو تازي ڪنل شخص جي منڊي وارن مان پڪڙي پوز هڻي، مخالف فرقي بابت بيان رڪارڊ ڪرائي رهيو هو سو منڊيءَ کي هيٺ اڇلائي دروازو کولڻ لاءِ روانو ٿيو.
دروازي تي آيل نوجوان اشاري سان پڇا ڪئي، جنهن تي سامهون بيٺل همراهه پنجن آڱرين کي گڏائي جوابي اشارو ڪيو. ان دوران ئي نوجوان ڳالهايو.
“مولانا صاحب چئي ٿو باقي ڪافرن کي سڀاڻي واصل جهنم ڪجو، اڄ جماعت تيار آهي، فجر جي نماز پڙهي وڃون.”

# ها! محبتون عجيب هونديون آهن

هي محبتون به عجيب هونديون آهن!! ڇڱن ڀلن جا ڳاٽ جهڪايو ڇڏن. پلا ڪير پيو ڄاڻي ته شاهو جيڪو لنڊيون لتاڙيندو هو، ظالم هو، وحشي درندو هو، بي رحم چور

هو، جنهن ڪي ڪڏهن بہ ياڳئي تي رحم نہ آيو سو ساران جي پيار ۾ ائين ميڻ ٿيندو جو سڄو تر حيران رهجي ويندو!؟

شاهوءَ ساران جي چوڻ تي چوري ڪرڻ بند ڪري ڇڏي، هن ڏوهہ ڪرڻ ڇڏيا تہ پويان سڀ ڪيس بہ ڪر ڪٽي اٿي پيا ڪهڙو ڏينهن هو، جنهن تي هن کي ٽاٽي جي ياترا نہ تي ڪرڻي پئي!

هو ڪڏهوڪو سينٽرل جيل جي هوا بہ کائي ها پر پلو ٽئي وڏيري مراد جو جيڪو هر ڀيري هن کي انهيءَ آسري تي آزاد ڪرائيندو هو تہ هڪ نہ هڪ ڏينهن وري شاهو سندس حڪم جو غلام ٿي بيهر تر تپائيندو. توڙي جو شاهو نپٽ اٽپٽهيل هو پر هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي وئي هئي تہ جڏهن هو ڪا رات خالي نہ ڇڏيندو هو تڏهن تہ پوليس هن ۾ هٿ نہ وڌا، هاڻي جڏهن شرافت جي زندگي گذارڻ چاهي ٿو پوءِ پوليس جو ايڏو قهر ڇو؟

هڪ ڏينهن صوبيدار دلاور ايڏو تہ ماريس جو مٿي مان نڪرندڙ رت هن جي پيرن کي پڄائڻ لڳو، هن پيرن ڏانهن ڏٺو اکين ۾ ڳوڙها تري آيس. صوبيدار، روئندو ڏسي ٽوڪ ڪيس ”جهل دب“...

شاهوءَ جون اکيون بند ٿي ويون، تصور ۾ ساران اچي ويس. اهو منظر اکين اڳيان تري آيس جڏهن ساران چئي رهي هئس ”شاهن، منهنجي سينڌ جو قسم کڻ تہ هاڻي چوري نہ ڪندين.“ ڪجهہ دير ۾ هن اکيون کوليون ڪن پل لاءِ صوبيدار سان نظرون ملايائين پوءِ هيٺ ڪنڌ ڪري ڇڏيائين.

شاهوءَ ڏاڍيون مارون کاڌيون، هن گهٽوئي تشدد برداشت ڪيو پر اهو ڏينهن هن لاءِ قيامت جو ڏينهن هو جڏهن صبح جو خبر پيس تہ ساران جي شادي ٿي وئي. ’ساران جي شادي‘ اهو جملو هن جي مٿان هٿوڙا وسائڻ لڳو، پاڻ سوال پاڻ ئي جواب ٿي ويو، زندگيءَ ۾ ڪڏهن ٻئي تي تہ رحم نہ آيو هئس پر ان ڏينهن پاڻ تي رحم اچي ويس.

پورا ٻہ ڏينهن زندگي ۽ موت جي ڪشمش ۾ گذارڻ کانپوءِ فيصلو ڪيائين تہ هو هڪ ڀيرو ساران سان ملندو ۽ معلوم ڪندو تہ هن ايڏي وڏي بي وفائي ڇو ڪئي؟

آخر ٽين رات هن پنهنجا ڦٽي ڪيل چوراٽا ڪپڙا بيهر پاتا، وَرَ ۾ پستول ۽ هٿ ۾ ڪهاڙي کڻي انهيءَ ڳوٺ ڏينهن روانو ٿيو جتي ساران جي شادي ٿي هئي. ٽڪريون وڪون ڪٽندو ڪجهہ دير ۾ ئي ڳوٺ ۽ ان گهر ٻاهران پهچي ويو. اڌ رات پنهنجو سفر مڪمل ڪري چڪي هئي. هن ڪهاڙيءَ سان پٽ ۾ پيرن ڦٻائڻ جا نشان ناهيا، آهستي بنا ڪنهن آواز ڪرڻ جي پٽ تان هيٺ گهر جي اڱڻ تي نظر ڪيائين، گهر جي آڳند ۾ هڪ شخص کٽ تي ستل باقي سڀ هن جي پاسن ۾ وينل هئا. گهري خاموشي هئي............

ڪجھ ساعتن اندر هن جي ڪنن سان هڪ عورت جو آواز ٽڪرايو“او امان ساران تو هي ڇا ڪيو.......!؟”
آواز ٻڌڻ ڪانپوءِ شاهوءَ جا ٻڌڻ، ڏسڻ، ڇهڻ سميت سڀ حواس ختم ٿي ويا، بس هڪ پيت ٻي پيت سان ٻاڪر پائي سڏڪن ۾ هئي.

# امر جليل جو ڪردار

اهو جمع جو ٻپهرو ڏينهن هو. شهر جي چونڪ تي موجود جامع مسجد جي منارن ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪرن مان مولوي صاحب جو ڪڙڪيدار آواز ۾ خطبو جاري هو، گهڻو ڪري موضوع ’جهاد‘ هو، ڇو جو مولوي بار بار هي جملا ورجائي رهيو هو ”هر ظالم جي خلاف جهاد، اسان جو فرض آهي.“
اوچتوئي ڪجھ هٿياربند منهنجي دوست سرمد کي وارن مان گهليندا وچ چونڪ تي مسجد جي مين گيٽ سامهون اچي ويا.
مان جلد ئي اهي ماڻهو سڃاڻي ورتا، پوتار جو پٽ عمران جيڪو ڪجھ ڏينهن اڳ يونيورسٽي مان ڊگري وٺي آيو هو. منهنجي هن سان ادبي حوالي سان سڃاڻپ هئي، هو امر جليل جو مداح هو.
ڪمدار سڪيو ۽ ڪجھ وانا، هو بيدردي سان سرمد کي ماري رهيا هئا. گوڙ جي ڪري مسجد ۾ خطبو ٻڌندڙ ڪجھ ماڻهو به ٻاهر نڪري آيا، اهو ڏسي مولوي صاحب به مسجد جي گيٽ تي اچي بيٺو.
مونکي سمجھ ۾ نه اچي رهيو هو ته هي ماڻهو آخر سرمد کي ڇو ماري رهيا آهن؟ بس ايتري سا ڄاڻ هئي ته ڪجھ ڏينهن اڳ سرمد پنهنجي سنگت ۾ وڏيرڪي نظام خلاف سو ڳالهايو هو.
سرمد جو منهن ۽ مٿو رت سان ڳاڙها هئا، ڪمدار ۽ وانا مسلسل هن کي لتيون هڻي رهيا هئا. انهيءَ وچ ۾ عمران ور مان پسٽل ڪڍيو ۽ زوردار آواز ۾ سرمد کي چوڻ لڳو ”نه هي دنيا امر جليل جي ڪا ڪهاڻي آهي ۽ نه ئي تون ان جو ڪردار......... جو چونڪ تي بيهي سچ......“
هن پنهنجي ڳالھ مڪمل ئي نه ڪئي هڪ ٺڪاءُ ٿيو، جنهن ڪانپوءِ سانت ڇانئجي وئي. سرمد جو خون مسجد جي مک دروازي تي هڪ ننڍي دٻي جي صورت اختيار ڪري ورتي.

# جهومر

ڪلهي تي ڪپڙي جو ميرو پاچڪو ڪٽي، ننڍڙو صابو وڏي شهر جي وڏي گند جي ڍير تي هر روز جيان پنهنجي روزي ڳولي رهيو هو.
اوچتو هن جي نظر ڪنهن شيءِ تي پئي هن جي چپن تي مرڪ پکڙجي وئي. هو پنهنجي دوستن اڪو، سادو ۽ ڪامو جيڪي به سندس جيان روزيءَ جي تلاش ۾ هئا کان نظرون بچائيندو، ان شيءِ جي مٿان پهچي خاموشيءَ سان ڪٽي پاچڪي بدران پاسي واري ڪيسي ۾ وجهي پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. هن کي شام تائين انهيءَ ڍير تي رهي رزق جي ڳولا ڪرڻي هئي پر اڄ هن جي ڪيسي ۾ خاص شيءِ هئي جنهن لاءِ هن بار بار ڪيسي کي اها پڪ ڪرڻ لاءِ ته ڪٿي گم ته نه ٿي وئي آهي، هٿ پئي لاتو.
آخر هن جو انتظار پورو ٿيو. شام کان ڪجهه وقت اڳ گهر پهتو. هن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي. هو ماءُ جي پرسان آيو، هڪ هٿ ڪيسي ۾ وجهي ٻئي هٿ سان ماءَ جي ڪلهي تي رکي چوڻ لڳو. ”امان! ڏس مان تولاءِ ڇا آندو آهي.......؟“ ماڻس تجسس سان هن جي اکين ۾ نهار ڪئي. صابو ڪجهه گهڙين لاءِ چپ ٿي ويو جڻ هو ڪا ڳالهه ياد ڪندو هجي. ٻئي پل هن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”امان، جڏهن بابو گذاري ويو هو ته هن جي ڪفن لاءِ اسان وٽ پئسا نه هئا. پوءِ تو مٿي جو جهومر ڪپايو هو، هي ڏس مان ساڳيو جهومر لڌو آهي.......
هو اها ڳالهه يڪ ساهي ڪري ويو، ماءُ پنهنجي پٽ جي اکين ۾ بي انتها خوشي ۽ ڪاميابي ڏٺي. هن صابوءَ کي ويجهو ڪري سيني سان لڳائي ورتو. هن جي اکين جا نار وهي نڪتا، ڪجهه گرم لڙڪا صابو جي ڳلن کي به پُسائي رهيا هئا.

# ٻيو ڏنڊو

ڳالهين ڳالهين ۾ هن مونکان پڇي ورتو، ”يلا سرڪاري ملازمت مان رٽائرمنٽ کانپوءِ ڇا ڪرڻ جو سوچيو اٿئي؟“
مان بنا هبڪي پهرين ساهه ۾ وراڻيو ”پيري مرشدي جو ڏنڊو، سڀ کان آسان ۽ منافع بخش آهي.“ ٻئي ساهه ۾ چيو مانس ”استاد آهيان، نيم فلسفو، مذهب ۽ نفسيات پڙهي آهي، سنڌي ماڻهن کي خوب بيوقوف ڪري .......“

"پر..." هن منهنجي ڳالهه اڌ مان ڪٽي. "تون ته ڪاري رنگ جو آهين، ۽ ڄاڻين ٿو ته سنڌ جا ڪامياب پير، ڪاري رنگ جا ناهن هوندا، انهيءَ ڪري ته هنن جي منهن مان سدائين نور پيو ٽمندو آهي."

"بڌ!" هن وڏيڪ ڳالهايو "سنڌ جا ماڻهو ڪپڙي جي ڪاري رنگ سان ته محبت ڪندا آهن، انسان جي ڪاري چمڙي سان نه، مرشد ٿيڻ جا خواب ڇڏي وڃي ٻئي ڪنهن ڌنڌي لاءِ سوچ."

# وفاداري

خادم، گهر جي اڱڻ تي ڪٽولو تي ويهي، پنهنجي سوٽ ڪريم ۽ پيڻ هاجران جي باري ۾ سوچي رهيو هو ته آخر هنن ائين ڇو ڪيو؟ هنن جي گهران ڀڄڻ جو سبب جيڪڏهن شادي هو ته هنن ڪريم کي هاجران جو سڱ ڏيڻ کان ڪڏهن انڪار ڪيو هو؟؟

اهو سوچي ڪريم جون اکيون ڳاڙهيون ٿي ويون، جيڪي باهه جا اُلاءَ اوڳاڇي رهيون هيون.

ڪريم، هُن جو سوٽ، جيڪو ٻالڪپڻ ۾ ئي يتيم ٿيڻ ڪانپوءِ سندن گهر پلجي جوان ٿيو. هو، هن جي پيارن جيان ئي ته هو.

خادم جي پيءُ پلا پنهنجي اولاد ۽ ڪريم ۾ ڪڏهن فرق ڪيو هو؟؟؟

"نمڪ حرام، پڙوو، سوئر جو پٽ، حرامي، ڪتو......" خادم جي زبان مان بي اختيار گاريون نڪتيون. هو گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو.

'ڪتو' چوڻ تي هن کي ڪجهه سال اڳ پاڻ سان ٿيل هڪ وارتا ياد اچي وئي. جڏهن پرواري ڪاليج ۾ داخلا ٿيڻ ڪانپوءِ پهريون ڏينهن خاڪي پينٽ ۽ اڇي قميص پائي ڪاليج مان پڙهي موٽي آيو ته سندس ئي پاليل ڪتي لباس تي پلجي هن جي مٿان جُهل ڪئي، حملو ايترو ته اچانڪ هو جو خادم پاڻ سنڀالي نه سگهيو، هيٺ ڪري پيو. انهيءَ دوران ڪتي هن جي پينٽ ۾ ٻه ٽي وات هنيا پر ڪجهه ئي دير ۾ خادم جي رڙين تي ڪتو پري ٿي بيهي رهيو. اها سندس لاءِ عجب جهڙي ڳالهه هئي ته ڪتو سندس کان ڪجهه قدم پري هيٺ ڪنڌ هيٺ ڪيون بينو آهي!!!!

خادم سمجهي ويو ته ڪتي، لباس جي پل ۾ هن تي حملو ڪيو آهي ۽ سڃاڻڻ ڪانپوءِ شرمندو آهي. ٿوري دير ۾ هو اٿي بينو، انهيءَ جي وچ ۾ گهر جا ڀيا ڀاتي به پهچي ويا، جن ڪتي کي مارڻ جو ارادو ڪيو پر ڪتو ڀڄڻ جي بجاءِ پنهنجي جاءِ تي

ساڪن بيٺو رهيو. هن مائٽن کي روڪيو ته ڪتي کي نه مارين ڇاڪاڻ ته هُن پلجي اهو ڪيو آهي.

اهو ڏينهن گذريو، شام ٿي رات ٿي، صبح ٿيو. هن کي گهر ۾ ڪتو نظر نه آيو ۽ پوءِ اهو ڪتو ڳوٺ ۾ به ڪنهن نه ڏٺو!

خادم، اها ڳالهه سوچي پنهنجي منهن ڳالهائڻ لڳو "ڪريم... ڪتو... ڪريم......ڪريم... ڪتو......ڪتو... ڪتو......"

ڳالهائڻ دوران هن پنهنجي ڪلهي تي هڪ پتڪڙو هٿ محسوس ڪيو، جيڪو هن جي پٽ جو هو جيڪو چئي رهيو هو.

"بابا! اسان کي ڪتو ڏاري ڏي نه......!"

# گوشت ۽ هڏي

غلام قادر کي ننڍي هوندي گوشت کائيندي نڙيءَ ۾ هڏي ڦاسي پئي هئي. سخت تڪليف آيس، آپريشن ڪرائڻو پيس. مهينن تائين نيڪ طرح نه کائي سگهندو هو: هر وقت الٽي ۽ آتن جي ڪفيت هوندي هئس.

هڪ شام ڏاري اندر وينل وحشيءَ کي سکون ڏيڻ لاءِ شانو پڙوي جي ماڙيءَ تي ويو. شانو هميشه جيان گرم جوشيءَ سان آجيان ڪيس پر معذرت به ته اڄ مال ناهي. هن جي زور پرڻ تي ته ڪجهه بندوبست ڪر هيٺ پنهنجي گهر هليو ويو. ڪجهه دير ۾ موٽيو ته 16 يا 17 سالن جي ڇوڪري ساڻ هئس.

ايندي ئي چيائين، "صاحب، ڏيءُ آهي، توهان کي انڪار نه ٿو ڪري سگهان..." اڳتي وڌي ڇوڪري جي رئي کي ڇاتي تان هٽائي اشاري سان بيهر ڳالهايائين "صاحب، نجو گوشت آ، نپ هڏي ناهي، کائيندي ته ياد ڪندين!"

شانو جي ڳالهه ٻڌي غلام قادر کي نڙي ۾ سور محسوس ٿيو. ڄڻ هڏي بيهر هن جي ڳلي ۾ اٽڪي پئي هجي. آت اڄڻ شروع ۽ طبيعت خراب ٿي ويس. خبر ناهي ڪهڙي طرح ماڙيءَ جي ڏاڪڻ تان لهي گهر پهتو.

.

# واهيات

ڪار ڊرائيو ڪندي هن جو پير بي اختيار بريڪ تي اچي ويو، گاڏي آهستي ٿي وئي، سندس نظر پيلڻ عورت جي ڇاتيءَ تي ڄمي وئي جيڪا پنهنجي ابهم ٻار کي ٿڃ پياري رهي هئي.
ٻي ساعت ۾ هن انهيءَ نوجوان کي ٻه ڏسي ورتو جيڪو سندس پير ۾ وينل زال کي گهوري رهيو هو. هاڻي هن جو پير بريڪ کان هٽي اڪسيليٽر تي آيو. اهو چئي ڪار جي اسپيڊ وڌائي ڇڏيائين ته ”ماڻهو وڏا واهيات آهن.......!!“

# بگهڙ

سڄو ڏينهن گذري ويو.........ها سڄو ڏينهن گذري ويو.
چڪلي تي وينل طوائف پنهنجي معصوم ڌيءُ کي بگهڙ بابت نه سمجهائي سگهي!!!!
بگهڙ ڏسڻ ۾ ڪيئن هوندو آهي؟
بگهڙ ڪيئن حملو ڪري، جانورن ۽ انسانن جا آنڊا ڪڍندو آهي؟
بگهڙ ڪهڙي طرح انساني خون پئندو آهي؟
بگهڙ ڪيئن ماس ۽ هڏن کي ڏاڻن هينيان ڏئي ڪرٽو ڪندو آهي؟
.........پر شام ٿي وئي. هوءَ پنهنجي معصوم ڌيءُ کي مطمئن نه ڪري سگهي. آخر ۾ سوالن هٿان هارجي چپ ٿي وئي......گهڙي ڪن لاءِ هن جون اکيون بند ٿي ويون. هن جي تصور ۾ بگهڙ ڦري آيو. ٻي ساعت ۾ ڪنهن لت هڻي در ڪوليو......اهو شخص هن جو دلال هو. حاڪماڻي لهجي ۾ چيائينس ”تيار ٿي ويھ سيٺ فون ڪئي آ ڄاڻ گاڏي توکي ڪٽڻ آئي.“
هن جون اکيون ٻيهر بند ٿي ويون. تصور ۾ هاڻي هڪ نه پر گهڻا بگهڙ اچي ويس.

# سڄ زمين تي

ماستر الهبچائي جي زندگيءَ ۾ نندڙيون قيامتون تڏهن کان ئي شروع ٿي ويون هيون جڏهن رٽائر ٿي گهر پهتو هو. پنج جوان نياڻيون ۽ نندڙو پٽ، هاڻي گذر ڪيئن ٿيندو؟ اهو سوچي هن کي سڄ ڪجهہ ڪانا هيٺ لهندي محسوس ٿيندو هو.
پينشن جا ڪاغذ نهرائڻ اڪائونٽنس آفيس ويو تہ ڪلارڪ جي جملي ”چاچا، تون تہ سرڪاري ڪاغذن ۾ مئل آهين...!؟“ پيرن هيٺيان زمين ڪڍي ڇڏيس، هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو، بس چپن ۾ پڙڪيو ”ها مان مري ويو آهيان!“ اهو سوچي مذهبي حڪم کي رد ڪيائين تہ ”ٻچن جي تڪليف کان دوزخ جي اذيت وڏيڪ نہ هوندي، مان رشوت ڏئي ڪم ڪرائيندس!“
حقيقي قيامت تڏهن برپا ٿي جڏهن پاڙيسريءَ در ڪڙڪائي ٻڌايس تہ سندس ڌيءُ شگفتہ، رڪشا ڊرائيور سان رنگ رليون ملهائيندي پڪڙجي ٿاڻي تي ويني آهي.
شگفتہ، سندس وڏي نياڻي، جنهن کي اهو سوچي خانگي اسڪول ۾ نوڪري جي اجازت ڏني هئائين تہ چلهہ جي باهہ ٻارڻ ۽ پيٽ جي اجهائڻ ۾ مدد ملندي !!
استاد الهبچايو، نندڙي پٽ محسن سان ٿاڻي تي پهتو. ان ڏينهن ٿاڻو، ٿيٽر جو ڏيک ڏئي رهيو هو. هو ڳرن قدمن سان صوبيدار جي آفيس ۾ داخل ٿيو. ان ڪمري ۾ ئي شگفتہ ڪنڌ جهڪايو ويني هئي. ڌيءُ کي ڏسي هن جو ڪنڌ بہ جهڪي ويو. اکين مان ڳوڙها لارون ڪري وهڻ لڳس.
صوبيدار کي هن تي رحم اچي ويو. جيئن بگهڙ کي رڍ تي ڪهل اچي وڃي. هن جي پرسان آيو. ”بابا، رو نہ پنهنجي ڌيءُ کي وٺي وڃ...پر ڪنهن بہ ريت صحافين کي روڪ تہ خبر نہ هلي نہ تہ منهنجي لاءِ مسئلو ٿي ويندو!“ صوبيدار هن جي ڪلهي تي هٿ رکي ڳالهايو.
پيرسن استاد، نراس اکين سان اتي ئي موجود صحافين جي اڳواڻ ڏي ڏٺو، جيڪو شگفتہ جون تصويرون ڪڍي رهيو هو. هن ٽڪل انداز ۾ وک کنئي. صحافي هن کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏسي اتي هن جي پرسان آيو. ”چاچا، صوبيدار صاحب توهان کي ڇڏي ٿو تہ اسان بہ ظالم ناهيون...... بس في اخبار هڪ هزار روپيا ڏيو...۽ شهر ۾ چاليهہ نمائندا آهن...“
ڳالهہ ٻڌي هن تيز روشني محسوس ڪئي هن جون اکيون بند ٿي ويون. ايئن لڳس تہ سڄ ڪجهہ ڪانا نہ پر پاڻ زمين تي لهي آيو هو.

# جيترو جلد ٿي سگهي مري وڃجي

زاهد پٽيوالو، اڄ سوزوڪي پڪ اپ مان ڪري مري ويو...
هن جاڻي واڻي پاڻ کي ڪيرايو...؟؟ يا اٽڪائي ۾ ڪري پيو يا ڪنهن ڌڪو ڏنس... بس هو مري ويو... جيڪو به ٿيو چڱو ٿيو!!
ڇئن سالن کان نوڪري تي هجڻ ۽ پگهار نه ملڻ به ته هن جو مرڻ ئي هو!
ڪجهه ڏينهن اڳ به مان هن جو مرڻ ڏٺو هو جڏهن پرنسپال هن کي ڇڙٻيندي چيو "مان پٽهين جو نوڪر ناهيان جو روز روز توکي ڪرائي جا پئسا ڏيان!"
انهيءَ کان اڳ به دوڪان واري هن کي سندس ننڍڙي ڌيءُ جا سامهون اهو چئي قتل ڪيو هو ته "پهرين اڳيون حساب چُڪتو ڪر پوءِ ٻيو سامان" دوڪاندار ڪاوڙ ۾ اچي هن جي معصوم ڌيءُ جي هٿ مان ٽافي به کسي ورتي هئي...
ها، کير وارو، سبزي وارو، اٽي جي مشين وارو به ته روز هن کي ماريندا ئي هئا.
زاهد ٻن سالن ۾ لاتعداد ڀيرا مئو ۽ جيئرو ٿيو!
هڪ ڀيرو هن جي اکين ۾ آلاڻ ۽ چهري تي اداسائي ڏسي پڇيم: "زاهد، خير ته آهي؟"
هڪدم جواب ڏنائين، "سائين، ننڍڙي پٽ انگور وٺي اچڻ جو چيو آهي، مون وٽ پئسا ناهن!" "هي وٺ پئسا" هن ڏانهن سوَ جو نوٽ وڌائيندي چيم..."نه سائين مونکي پئسا نه کپن، بس مان مرڻ ٿو چاهيان...!" هن جي نڙي مان سڏڪي جهڙو آواز نڪتو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري مونکان پري هليو ويو.
اڄ هو واقعي به مري ويو. هن جو آواز منهنجي ڪنن ۾ گونجي پيو "بس مان مرڻ ٿو چاهيان...!"
مان اکيون ٻوٽي، هٿ جي تري نرڙ تي ۽ نونٽ ٽيبل تي رکي فريڊرڪ نتشي جي انهيءَ قول تي سوچڻ شروع ڪيان ٿو...
"بهتر آهي انسان هن دنيا ۾ نه اچي ها، جي آيو آهي ته جيترو جلد ٿي سگهي مري وڃي، انهي ۾ ئي سندس ڀلائي آهي!"

# ملڪيت جو تصور

محفل عروج تي هئي، فنڪار پوري ردم سان "جڏهن تا پيئون پيئون، تڏهن تا جيئون جيئون...." جا آلاپ ڪري رهيو هو.
وڏي صوفي صاحب مدهوشيءَ نچندي ڪجھ چوڪرن کي چميون ڏئي ورتيون. هاڻي هن جي نظر سامهون ويٺل فقير جي گلمان تي هئي.
ڪنڌ کي ڦيري ڏئي هڪ پل ۾ اتي پهچي ويو. جيئن ئي چپ اڳتي وڌايائين ته فقير هٿ جي تري سيني تي ڏئي اهو چئي روڪيس ته:
"نه وڏا فقير سائين نه...هتي خرچ ٿيل آهي... هيڏي نه......."

# جام ِشهادت

مولوي صاحب  جنت جي ماڪيءَ ۽ کير جي چشمن جو ذڪر ڪندي شهادت جو بيان ڪيو. سامعين جي لڱن ۾ سياندڙا پئجي ويا.
"مجاهدو! هڪ ڪافر کي جهنم رسيد ڪندڙ کي 70 حورون ملنديون" سامهون ويٺلن جي جسم ۾ ڦرڪٽي اچي وئي. هو ذهني طور مرڻ مارڻ لاءِ تي ويا.
بيان پورو ٿيو..........
مولوي صاحب گارڊن سان بلٽ پروف گاڏيءَ ۾ چڙهي روانو ٿي ويو.

# رهجي ويل دل

ماتمي جلوس ۾ شامل عمران جي نظر جڏهن گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ويٺل مُلي فتح محمد تي پئي ته بي اختيار چپن ۾ پڙڪيو "لک لعنت...شمر جا پٽ..."
قافلو وڌيو...هن نظر ڦيرائي، اکين ۾ چمڪ اچي ويس. سامهون ڪوٺي تي بيٺل ڪارن ڪپڙن سان چوڪري ڏسي، گهڙي کن سينه زني بند ڪري ڇڏيائين. دل جو ڌڙڪڻ تيز ٿي ويس......

جلوس ’ياحسين‘ جي صدائن سان اڳتي وڌندو رهيو. هو بہ جلوس سان گڏ هو پر دل پوئين گھٽي ۾ ڇڏي آيو هو.

# مدينہ پيٽرول پمپ

ضلع جي سڄاڻ صحافيءَ واپڊا جي انجنيئر سان پورو ڪلاڪ ماڻھن سان ٿيندڙ زيادتين ۽ بجلي جي مسئلن بابت ڳالھايو.
هو انجنيئر صاحب کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو تہ واپڊا سان لاڳاپيل مامرن ۾ آفيسرن ۽ عملي جو ڏوھہ آهي.
موڪلائڻ وقت صاحب ٽيبل تي پيل هڪ پرچي صحافي حوالي ڪئي جنھن تي ’مدينہ پيٽرول پمپ‘ لکيل هو.

# ڪارو پاڻي يا موتيو

منظر پھريون:.
”اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ سالن تائين محنت اسان ڪئي، هاڻي حافظن جي دستاربندي ڪنھن ٻئي مدرسي ۾ ٿيندي!؟“ وڏي مولوي صاحب جون پاڻ سان ڳالھائيندي ڪاوڙ ۾ مُنيون پڪوڙجي ويون، ڏند ڪرٽڻ لڳو،ڳڦ ڳڙي آيس. اکيون ٻوٽي بنا وهاڻي جي ڪٽ تي سمھي پيو.
منظر ٻيون:.
ربڏني کي ٻنيءَ ۾ هر ڪاهيندي رت ۾ ڪجھہ اڳتي ٻن ڇوڪرن جا لاش نظر آيا. ڪو بيدرديءَ سان ڪھي اڇلائي ويو هو. سڄاٽپ ڪانپوءِ خبر پئي تہ لاش قرآن جي حافظ ٻائرن جا آهن جن جي ڪجھہ ڏينھن ۾ دستاربندي ٿيڻي هئي.
منظر ٽيون:.
لاش گھر آندا ويا. بہ معصوم، بہ ٻائر، بہ قرآن جا حافظ. سڄي پاڙي ۾ ڪھرام برپا ٿي ويو، پر ماءُ نہ رُني،،، بس هڪ سوال ڪندي رهي تہ پٽن جي دستاربندي ڪيڏي مھل آهي!؟ غسل وڪفن ڪانپوءِ جسم اڱڻ تي رکيا ويا. ماسيون موڙ ڪٽي آيون،”موڙ ڇو پڱون آڻيو منھنجي پٽن لاءِ...؟“ ماءُ، نندي پٽ جي نرڙ تي چمي ڏيندي. ٻئي هٽ سان وڏي پٽ جي وارن کي سنوارڻ لڳي.
منظر چوٿون:.

ان ڏينهن آسمان ڪارو هو ۽ سج ڳاڙهو، يا آسمان ڳاڙهو ۽ سج ڪارو......يا اسان جي اکين ۾ ڪارو پاٽي يا موتيو ڦٽي پيو هو. ڪابہ خبر نہ پئجي سگهي.

# هن ڪي ناول جي هيرو سان پيار ٿي ويو

ٽالسٽاءِ جو ناول 'وار اينڊ پيس' پڙهندي هن ڪي ناول جي 'هيرو' سان پيار ٿي ويو...

پوءِ هڪ برسات جي رات پنهنجو سڀ ڪجهہ ان کي ڏئي ڇڏيائين...

آڌي رات جو جاڳڻ ڪانپوءِ سڄي پنل هئي...

پنل ڪپڙن مان پگهر جي بوءِ سان ڪجهہ ساعتن لاءِ اکيون بند ٿي ويس. عجيب سرور، جنهن کي ڪجهہ نالو نہ پئي ڏئي سگهي...

بند نيڻن سان مسڪراهٽ سڄي جسم ۾ پکڙجي ويس...

هن پنهنجي آڱرين جا پور هڪ ٻئي سان ملايا، ٻئي ٻانهون مٿي ڪري آرس ڀڳو...

ترت ئي ننڊ جي آغوش ۾ هلي وئي.

# گهر

علي محمد جا ڏکيا ڏينهن گذري ويا، جڏهن کان هن پنهنجي گهر کان ڪجهہ ڏور شاهي رستي تي رب جو گهر مسيت اڏائڻ جو فيصلو ڪيو هو.

پورا 5 سال گذري ويا، 'مسجد زير تعمير آهي، چندو ڪپي.' جو بورڊ بہ پراڻو ٿي ويو پر ان جي وچ ۾ علي محمد جو ڪچو گهر پڪو ٿي ويو.

# ڪاري چادر

ستين محرم جو صبح هو، سج ڪافي چڙهي آيو. رات دير تائين وزم پيئڻ جي ڪري ڪريم داد مولائي ۽ سنگت کي ننڊ مان اٿڻ ۾ دير ٿي وئي هئي. ڪريم داد چرڪ

پري اٿيو، ”يا علي حيدر حيدر، دم مست قلندر“ جا نعرا هڻي، باقي سنگت کي ٻه ننڊ مان جاڳايائين. پاڻ غازي جي علم کي ڪلهو ڏئي ڪاري چادر جو هڪ پاند هٿ ۾ ڪڻي اڳيان ٿيو. هن جي زبان تي ”مولا حسين جو نياز...بابا“ ورجاءُ جاري ٿيو.
چادر جون باقي ٽي ڪندون سنگت جي هٿ ۾ هيون، جيڪي ٻه ساڻ ڏئي رهيا هئا ۽ سندن رخ شهر ڏانهن هو.

# انتظار

ملو غلام رسول گهر جي اڳڻ تي کٽ تي ويهي الائي ڪهڙين سوچن ۾ گم هو. اوچتو زال جي دانهن تي ڌيان اوڏانهن ڇڪجي ويس. ”گلو، ڇا پيو سوچين؟“ ” ڪجھ نه ڪجھ نه...“ ملي غلام رسول عرف گلوءَ پريشانيءَ مان جواب ڏنو. ”پوءِ ٻه ٻڌاءِ...؟“ جوٽس ڳالھ ورجائي. ”ڏسين ٿي ڇهون مهينو ٽيڻ تي آهي، نڪي ڪپڙا نڪي بوٽ مليا آهن، عزرائيل الائي ڪهڙي ملڪ هليو ويو آهي...“ گلوءَ ڳنڀير لهجي ۾ جواب ڏنو.

# رشتو

ڏينهن سومر: پير خانڻ سائين، ڪريما کي هٿ ۾ جهلي، اهو ڇئي ڪمري جو دروازو ٻيڪڙيو ته ڏس تون پنهنجي ڌيءُ ڪتيجا لاءِ پريشان نه ٿي، سمجھ اها منهنجي ٻه ڌيءُ آهي.
ڏينهن جمع: ڪتيجا، پير خانڻ سائين جي پاڪر ۾ هئي. هن ڇوڪريءَ جي ڪن ۾ سرٻاٽ ڪيا. ” منهنجي سهڻي! تون پلا پنهنجي ماءُ ڪريما لاءِ ايڏو پريشان ڇو آهين، هوءَ منهنجي ٻه ته جڻ ماءُ ئي آهي.“

# مان ڪافر

”مولا علي يهوديءَ جي باغ ۾ مزدوري ڪندو هو...ڳوٽيون کڻڻ سبب پٺيءَ تي نشان هئا...

سوال ٿيو: "مولا! سادگيءَ جو سبب؟"
جواب مليو: "امير ڏسي سبق حاصل ڪن، غريب ڏسي شرمنده نہ ٿين."
فرمايائون "اي منهنجا الله! اسان تنهنجي ان ورهاست تي راضي آهيون جو اسان کي علم ۽ دشمنن کي دولت ڏنئي."
خليفتہ المسليمن فرمايو "حاڪم کي اهڙي جڳهہ ۾ رهڻ گهرجي، جيڪا هن جي رعايا جي گهٽ مان گهٽ ڪمائي واري فرد جي هجي!"
مولوي صاحب تقرير ڪندو رهيو، مان ڪائنات جي عظيم هستي جي سحر ۾ گرفتار تي خطاب ٻڌندو رهيس...مجمع مان نعرو بلند ٿيو
"علي کي طرزِ زندگي، منافقت کي موت هئي."
اوچتو، اميرالمومنين جو روضو ذهن ۾ آيو، اربين ڊالرز جي لاڳت سان تعمير ٿيل جڳهہ...پاڻ حيات هئا تہ هڪ ننڍي ڪچي گهر ۾ رهندا هئا، وصال بعد هيءُ ڇا ٿيو...!؟؟
ياعلي ياعلي ياعلي......منهنجو ذهن ۾ اهڙا سوال ڇو ٿا اچن...
ڪٿي مان ڪافر تہ نہ ٿي ويو آهيان!؟

# ڪپڙا پيا پليت ٿين

بس بيهاري چڙهڻ ڪانپوءِ هن مسافرن کي ڪنڌ هيٺ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. نائين ايم ايم پسٽل سان ڪجهہ ماڻهن کي ئي مٽي ۾ گوليون هڻي رکجي ويو !!ڇهري تي اضطراب جي ڪيفيت ڇائنجي ويس!
"مجاهد، ڇا ٿيو، ڇو رڪجي وئين...!؟" پويان همراهہ هڪل ڪري پڇيس .ڪجهہ نہ بس ڪافرن جي رت سان ڪپڙا پيا پليت ٿين!" هن ٻيهر فائر ڪندي قدري سڪون سان جواب ڏنو.

# نعرا يزيد جي خلاف لڳُنا هئا

مومنن جو قافلو 'ياحسين' جون صدائون هڻندو، وڏيري چنگيز خان جي اوطاق تي پهتو، جتي لنگر ونياز جو بندوبست ٿيل هو. مومن، تر جي مشهور ظالم وڏيري جو

نياز ڪائڻ ڪانپوءِ يزيد تي لعنتون وجهندا سليمان وياجي جي پڙ تي پهتا جتي ٻه نياز تيار هو، اتي ٻه يزيد جي خلاف ئي نعرا لڳڻا هئا.

# پهريون نعرو

هيءَ تڏهن جي ڳالهه آهي جڏهن ڳوٺ ۾ بجلي تمام گهٽ ويندي هئي. ڪجهه ابوجهه ماڻهن ڪرنٽ جي ڊپ کان گهر ۾ بجلي نه لڳرائي هئي، عاشق لاهوتي ٻه انهن مان هڪ هو.
اونهاري ۾ جڏهن رات جو بجلي ڪلاڪ ڪن وجي ايندي هئي ته سڄي ڳوٺ ۾ هوڪريا ۽ نعرا لڳي ويندا هئا. مزيدار ڳالهه ته سڀ کان پهريون نعرو لاهوتي جي گهر مان ئي بلند ٿيندو هو ”حيدر حيدر...“

# ڪافرن جا ٻار

”چيو ماڻ ته انهن ڪافرن جي ڪافر ٻارن سان نه کيڏندو ڪر...“
پيءُ پٽ سان ڪاوڙ ۾ ڳالهايو
”پر بابا، ڏاڏي امان ته چيو هو ته ڪافرن جا قد وڏا ۽ انهن کي مٿي تي سڱ هوندا آهن...!“
”بڪواس بند ڪر ماءُ جا......بس وري تون مونکي انهن سان نظر نه اچجانءِ...“

# اسان جي مسيت

”بغل ڪوُڙَ جا پٽ توکي جهليو آهي نه ته اسان جي مسيت ۾ نه ايندو ڪر...“
مُلي ڪريم بخش، ڪاوڙ ۾ چپ پڪوڙيندي ساجن حجم کي دٻائيندي ڳالهايو.
”پر منهنجو ڏوهه...!؟ ساجن ڏڪندي وراڻايو.

“محرم ۾ پٽڪو...نيازن پويان لڏو...رمضان ۾ وري اسان تي چٽي...بس چيو مان ئي ته نه ايندو ڪري...جي وري مسيت ۾ نظر آئين ته متي ۾ ڏوڙ وجهندو سانءِ...!”

# نيڪ صلاح

“بس منهنجو ڪارو منهن جو نند اچي وئي، مسيت جو خيال نه ڪري سگهيس...الائي ڪيڏي مهل آيا، رات رهي فجر جي نماز پڙهي روانا ٿيا!”
وڏيري جي اوطاق ۾ ڳوٺ جي چوڪيدار رمضان ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو ته رات تبليغي ملا مسيت ۾ رهي ويا آهن.
وڏيرا! اهڙي ڳالهه آهي ته مسجد ڌوئڻ سان ڪم نه هلندو، هڪ ته رمونءَ متان ڏنڊ رکو، ٻيو مسجد جون سرون پٽرائي، نئون فرش هڻايو...”
پيش امام خدابخش، وڏيري کي فيصلائتي صلاح ڏني.

<u>اليڪشن ڪهاڻيون</u>

# هو به سادو اسان به سادا!

بدبودار گهٽين، ٽٽل ڪنڊر ٻٽيل روڊن، ويران اسپتالن ۽ برباد اسڪولن پرسان گذرندي وڏي گاڏيءَ ۾ وينل پوتار گذريل اليڪشن مهم جيان هر ايندڙ ويندڙ کان ووٽ گهرندي......ساڳيون ڳالهيون...ساڳيا واعدا... ساڳيا نعرا... ساڳيا اعلان...ڪندو رهيو.
.......۽ پوءِ اسان به ساڳي طرح اعتبار ڪندا رهياسين!
<u>تو بھی سادا ہے، کبھی چال بدلتا ہی نہیں</u>
<u>ہم بھی سادا ہیں اسی چال میں آجاتے ہیں.</u>

# ڌانڌلي!

پير بخش ۽ پاءُ خدابخش جيان وڏيري جو خاص ماڻهو هو پر هن پيري هن دل ۾ وڏيري سامهون بيٺل ڳوٺ جي نوجوان ضمير کي ووٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.
اها ڳالهه تاڪيد سان خدا بخش کي ٻڌايائين ته هو ضمير کي ووٽ ڏيندو پر ڪنهن کي خبر نه پوي.
اليڪشن ڏهاڙي پير بخش اندر جي ضمير کي مطمئن ڪرڻ لاءِ نوجوان اميدوار ضمير کي ووٽ ڏيڻ پولنگ ڏانهن روانو ٿيو...
پولنگ آفيسر ووٽر لسٽ ۾ جوهه وجهندي ڦڪي مرڪ سان پير بخش کي ٻڌايو ته "توهان جو ووٽ ته ٿي ويو آهي!"
پير بخش جنگ هارايل سپاهي جيان پولنگ جي ميدان ۾ مان ٻاهر نڪتو...بس هن کي پولنگ آفيسر جي ڦڪي مرڪ ۽ سامهون بيٺل پاءُ خدابخش جي اکين ۾ فتح جي چمڪ سمجهه ۾ نه آئي.......!!

# حق حق_ جبل شاه نر

چاڪاڻ ته سڄو الزام هن مٿان ئي هو ته، ڦندي آ، ٻانجهه آ، سندي آ، مطلب ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت ناهيس، جنهن ڪري ڪجهه ٻيا لقب مڪار، ميسوٽي، نياڳي ۽ مليس...
...ته پوءِ بندوبست به ته هن کي ئي ڪرڻو هو.
جبل شاه مست جي درگاه تي ٽي راتيون گذارڻ جو خيال به سندس کي آيو.
ماشاالله! هاڻي هوءَ ٽي مهينا پورا ڪري چوٿين ۾ داخل ٿئي پئي.
باقي رهيو ڏيءُ يا پٽ جو معاملو ته سائين جبل شاه مست وينو آهي نه...!
حق حق__جبل شاه نر__ڏي ڦندين کي ڦر

# ڪير آ پير

سياري جي شروعات ۾ جبل تان ميدان ۾ لهندڙ خانہ بدوش قبيلي، ڳوٺ وارن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو تہ "ڪير آ پير، اسان ناهيون ڪپائيندا...!"
جڏهن تہ ساڳي ڳوٺ ٻاهران ان آسري تي وڏيڪ ٿي ڏينهن رهڻ جو ارادو بہ ڪيائون تہ اڌ عمر ڪاڏل بي اولاد وڏيرو مجن خان سندن نئين سامايل ننگري شانل کي شاديءَ لاءِ ضرور خريد ڪندو!

# سوئرن جو سماج

ٽيليوزن تي موڊگرل کي تعليمي اداري ۾ ڏسي يار محمد جو پارو چڙهي ويو.
"ٿڪ لعنت هجي اهڙن ماڻهن تي، هي انسانن نہ پر سوئرن جو سماج آهي، ان ڪان تہ پلو آهي چڪلا کولي هلائن...!" يار محمد جي گارين ۽ ڪاوڙ کي فل اسٽاپ نہ هو.
ڪجهہ دير ۾ ئي اسڪرين تي ماڊل جا ٻيا فائيل فوٽو بہ هلڻ لڳا...
يار محمد جي نظر ان تصوير تي فوڪس ٿي جنهن ۾ ڇوڪريءَ جي ڇاتيءَ جو مٿيون حصو نظر پئي آيو.
هن پنهنجي جسم ۽ روح ۾ تبديلي محسوس ڪئي...گهڙيءَ لاءِ چپ ٿي ويو! ڪاوڙ بہ ختم ٿي وئي هئي!!
ڪن پل ئي سهي، گهوري هن ڏانهن ڏسندو رهيو! ڇو جو سوئرن جو سماج...۽ لاتعداد چڪلا هن جي اندر کلي چڪا هئا!

# حسنِ ازل

هو پاڻ ۾ دوست هئا، سنڌ جي ورثي، قديم ماڳ رني ڪوٽ جو سير ڪرڻ آيا هئا. قلعي تي پهچڻ ڪانپوءِ هنن جون اکيون هن عظيم اڏاوت جي سحر ۾ گرفتار ٿي ويون.

هڪ چيو تہ هي قلعو سنڌ ۾ عربن جي گورنر عمران بن موسىٰ برمڪي اڏايو هو. ٻئي دوست ڳالهہ سان اختلاف ڪندي اڏاوت کي فارس جي ساساني دور جو ڄاڻايو. ان وچ ۾ يونان جي ڳالهہ نڪتي تہ مير ڪرم علي ٽالپر جو ذڪر بہ ٿيو......
ڪوٽ جي هر پٿر جي ساک پريندي نہ پئي ڏاپيا. هو هاڻي مڪمل طور انساني هٿ جي ڪمال ڪاريگريءَ جي جادو ۾ دم بہ خود هئا...
انهيءَ دوران هڪ جي نظر سامهون بينل انگريز عورت تي پئي جنهن ٻئي کي اوڏانهن اشارو ڪيو. اهڙي طرح چارئي جوهہ ٻڌي انگريزياڻي ڏي ڏسندا رهيا.
هاڻي هنن جو خيال ڪوٽ ڏانهن نہ پر ان خوبصورت عورت ڏانهن هو جيڪا عجب بيپرواهي سان ڪوٽ جي پٿين تي هرڻي جيان چالَ ڏئي رهي هئي.
آيا تہ تاريخي ماڳ جو سير ڪرڻ هئا پر حسنِ ازل ۾ اهڙو تہ جڪڙجي ويا جو اتهاس جا ڪيترائي دور هنن اڳيان گذري ويا ۽ هو اتي جو اتي بيٺا رهيا.

# زنده آهيان يا مرده

جڏهن ڪان پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ هلندڙ ايمبولنسون پڪڙيون آهن، هر وين ۾ ويهڻ ڪانپوءِ خيال اچي ٿو ڪٿي هيءَ ايمبولنس تہ ناهي!؟
ان وچ ۾ پاڻ کي هٿ لائي اها بہ پڪ ڪري وٺان ٿو تہ مان زنده آهيان يا مرده.......!!!

# پالش

وڏي شهر ۾ وڏي ڌماڪي ڪانپوءِ ماءُ ڳڻتين ۾ ٻوڙجي رهي هئي. هن کي پنهنجي اڪين جي ٺار جو انتظار هو. ننڍڙو طاهر، جيڪو صبح جو ٿالهہ ۾ چٽا ڪٽي ڪپائڻ نڪتو هو.
ڪجهہ ساعتن ۾ طاهر در کولي، پير گهليندو گهر ۾ داخل ٿيو.
"امان، هي ڏس مونکي بوٽ لڌو آهي!" طاهرَ خوشي ۾ ماءُ کي ٻڌايو.
ماءُ هن جي پيرن ۾ پاتل وڏي ناسي بوٽ ڏي نهاريو، جنهن جي مٿان رت ائين لڳل هو، ڄڻ ڪنهن ان کي پالش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي پر نہ ڪري سگهيو هجي.

# PG

خودڪش ڌماڪي ڪانپوءِ هن جي نظر ٽي وي اسڪرين تي ڄمي وئي. PG لکيل اسڪرين تي هن هڪ شخص جي منڍي چِٽ واري پڪي ۾ لڙڪيل ڏٺي
ڪيسي مان سگريٽ ڪڍي، ماچيس جي تيلي دکائي، اجا سگريٽ جي منهن تي آڻڻ وارو هو ته محسوس ٿيس جيئن تيلي جي باهه سگريٽ سان لڳندي، هو ڦاٽي پوندو، هن سسي به چِٽ ۾ ٽنگجي ويندي.
هن هڪ جهٽڪي سان تيلي کي اجهايو، خالي سگريٽ وات ۾ وجهي ٻيهر ٽي وي ڏسڻ لڳو.

# هڪ درد ٻه ڪهاڻيون

_01

“صاحب، ڪجهه ته منهنجي ٻڪايل ٻچي لاءِ ٻچائجان...!”
هوءَ جيڪا پهرين ماءُ پوءِ عورت پر زماني جي نظر ۾ رنڊي هئي، تنهن التجا واري انداز ۾ هن کي چيو
هو جيڪو پهرين ٻگهڙ هو، پوءِ مرد پر زماني جي نظر ۾ رئيس...
......پر ٻگهڙ، ماءُ جي هڪ التجا به نه ٻڌي...
نه ڪي مرد عورت جي ڳالهه تي ڌيان ڌريو...
بس رئيس، رنڊي جي جسم کي چيچاڙيندو رهيو...
ٻئي پاسي ماءُ جو ابهم ٻار...ٻڪ ڪان ڪيهات ڪري روئندو رهيو!

_02

“صاحب، او صاحب! ٿوري ته منهنجي ٻڪايل ٻچڙي لاءِ ٻچائجان....!”
هوءَ رنڊي جيڪا ماءُ به هئي تنهن ٻئي ٻانهون ڪلهن تي رکي ڇاتي لڪائيندي، صاحب کي دردمندانه التجا ڪئي...
صاحب، هڪ نظر ڪمري جو فرش تي ستل ابهم ڏانهن ڏسي، هٿن سان عورت جون ٻانهون هيٺ ڪيون ۽ ڪرت ۾ لڳي ويو...
پڪ سان هو ان ٻارڙي کان وڌيڪ ٻکيو هو....!!

# جائو ڪُڪُڙُ

هو پوتار جو جائو ڪڪڙ هو. نالي جي خبر تڏهن پئي هئس جڏهن ڪمدار هن جي پنيءَ تي هٿ لائيندي "واه پٽ جاوا" چيو هو.
جائي ڪيترين ميلون وڙهيون ۽ ڪٽيون هيون الائي ڇو لڳس ته اڄوڪي ميل حياتي جي آخري آهي؟ جيڪو سوچي ڪن پل لاءِ اڪيون ٻوٽجي ويس!
هڪ نظر چوطرف دائري ۾ بيٺل ماڻهن ڏانهن ڪئي. ڏُرهڙي سان ڪنڌ ڪي ڏوٽيائين، ڇو جوهڪ گهڙيءَ لاءِ تماشائي هن کي ڪڪڙ نظر آيا! هن مقابلي ۾ لتل کي ٻه سجاڻي ورتو، جيڪو ڦُليو هو.
پڙ ۾ هڪ ساعت هن ڦلئي ڏانهن تڪيو. ڦلئي اڳرائي ڪندي هن ڏانهن جُهل ڪئي. هن ٻه پر ڪنڌيڙي حملي لاءِ تياري ورتي. اهو سڀ ڪجهه ايترو ته جلد ٿيو جو هن کي ان ڳالهه جو احساس به نه ٿيو ته ڦلئي جي ڪڙهه هن جي پيٽ ۾ سوراخ ڪري وئي آهي.
پاڻ سنيالپائين ساڄي جنگهه مٿي ڪٽي پر ڪولي پنهنجي ڀرپور طاقت سان مخالف جي مٿي ۾ وهائي ڪڍي. ڏڪ ايترو ته زوردار هو ڦلئي جي مٿي مان رت توتوريون ڪري وهڻ لڳو. ان وچ ۾ هڪ سيخ سندس اک ۾ به لڳي وئي. هو ڪاٺو ۽ ٻي ساهو ٿي پيو هو. پر هن فيصلو ڪري ورتو ته رت جي آخري ڦڙي تائين وڙهندو. اڄ رئيس جو سڄو قرض لاهي ڇڏيندو جيڪو بادامن، پستن جي صورت ڪائيندو رهيو هو. هڪ ڳالهه جيڪا هن کي پريشان ڪري رهي هئي ته ميل ۾ بيٺل ماڻهو هن کي ڪنهن وقت ڪڪڙ ڇو نظر پئي آيا!؟
ڪڪڙ...جاوا، ڦليا، پيلا، هيرا
انهيءَ ويچار ۾ ئي هو ته ڦلئي جي سڄي، ڪنڌ مان آرپار ٿي ويس، هو ڦيري ڪائي ڌرتيءَ تي ڪري پيو. هن کي اڃا هوش هو. پڙ ۾ هڪ پاسي خاموشي ته ٻي ٻانهين ۾ هوڪريا هئا.
"تڪ ٿئي..."هوڪرن ۾ هن پوتار جو آواز ٻڌي ورتو. اهڙو جملو هو جو مٿي ۾ لڳل خوني ڪڙهه جو درد گهٽ ٿي ويس، پر اهي لفظ سيني کي چيريندي ڪٽي غائب ٿي ويا.
ٻچيل هڪ اک سان ٻيهر ان ٻانهين ڏانهن ڏٺو جتي وڏيرو ۽ سندس چاڙتا بيٺا هئا.
رئيس ڪانسواءِ باقي سڀ هن کي ڪڪڙ لڳا....... رئيس جا پاليل ڪڪڙ.......ان ڪان اڳ جو فيصلي تي پهچي ته هن دنيا ۾ اميرن ڪانسواءِ سڀ انسان هن جيان ڪڪڙ ئي هوندا آهن، جيڪي ڪڏهن ويڙهائڻ ته ڪڏهن ڪائڻ جي ڪم اچن ٿا، ڪنڌ ڍارجي ويس.

# بليڪ اينڊ وائٽ ون

سول اسپتال ڪراچيءَ جي آڳر تي اڇي ڪانچ قميص سان ڏاڙهي وارو نوجوان ويجهو آيو. نرم گفتار ۾ چيائين ته "سر منهنجي ننڍڙي ڌيءُ ڪوما ۾ آهي، پريشان آهيان. گهر ڪال ڪرڻ چاهيان ٿو، مهرباني ڪري فون ڏيو."
بنا هٻڪ فون سندس ڪي ڏنم پرپرو تي ڪجهه منٽ ڳالهائڻ ڪانپوءِ دعائون ڏيندي روانو ٿي ويو.
ٻئي ڏينهن تي وري ڳولي لڌائين "سر عرض آهي، گهران پئسا ڪٽي اچڻا آهن...پاڙو ناهي...بس هڪ سو روپيا ڏيڻ جي عنايت ڪندا...مان موٽي توهان کي واپس ڪندس."
مان بيهر بنا هٻڪ نوجوان کي پئسا ڏنا. ان ڏينهن هو نه موٽيو... ڇهن مهينن ڪانپوءِ اسپتال وڃڻ ٿيو. "سر منهنجي ننڍڙي ڌيءُ ڪوما ۾ آهي..." جي آواز تي پوئتي نهاريم ته ساڳيو نوجوان ڪنهن ٻئي سان مخاطب هو.

# بليڪ اينڊ وائيٽ ٽو

سو سيڪڙو پڪ هئي ته همراه ٺڳ آهي. ڪيئن ممڪن آهي ته موري ڪان دادو جو 30 روپيا پاڙو هن وٽ نه هجي!؟
پوءِ به هن جي ڇهري کي ڏسي رحم اچي ويو. سو جو نوٽ ڪڍي ڏنو مانس: نه وٺڻ چاهيائين، چوڻ لڳو هن کي فقط 30 روپين جي ضرورت آهي. ٻڌايو مانس ته کُليا ناهن، جنهن ڪانپوءِ پئسا ورتائين پر ڪجهه دير ۾ ئي موٽيو.
ستر روپيا موٽائنهن واڌائيندي چيائين، "سائين مونکي 30 روپين جي ئي ضرورت آهي." مان پئسا ورتا مانس، ان وچ ۾ منهنجو نالو ۽ موبائيل نمبر پڇي ورتائين.
ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ فون آئي، "هلو... السلام عليڪم، سائين مان غلام شبير پيو ڳالهايان...سائين مان موري ۾ آهيان، توهان جي امانت 30 روپيا مون وٽ آهن. ائڊريس ٻڌايو ته پهچائي وڃان."

# چوري جو عشق

ڳوٺ ۾ ڪوڙل جي عشق جي پچار شدت اختيار ڪري وئي. جتي ماستر وريام جو ڳڀرو پٽ اتي هي عاشق جيوڙو پهچي تي ويو. هن محبوب جي ديدار جو ڪو موقعو وڃائڻ نہ ٿي چاهيو.
آخر ماستر جي زال دانهن ڪٽي ڪوڙي جي ماءُ وٽ پهتي. تدارڪ جو دلاسو مليس. شام ڌاري جيئن ئي ڪوڙو گهر پهتو تہ ماڻس هڪل ڪري چيس
”چورا تڪ ئي ڪوڙ ٿئي، پيءُ جي قبر لڄائي اٿئي، چوري سان عشق ڪندي شرم نہ ٿو اچئي؟“
ڪوڙو، گهڙي لاءِ تہ وائڙو ٿي ويو تہ هن جي محبت جي خبر ماءُ کي ڪيئن پئي!! خير پاڻ سنڀالي ورتائين اطمينان سان جواب ڏنائين تہ
”امان! مان مجبور آهيان، تو ڪڏهن چوري سان عشق ڪيو هجي تہ احساس بہ ٿئي!!!“

# سڀ مولوي پٽ ٿي ويا آهيو

ڳوٺ ۾ بهادر کي بخار لٿي ٻيون ڏينهن هو. طبيعت ۾ چڙ هئس. ويتر ڪُڪَڙ ڪاوڙائي وڌس. پرسان ٻيهي هر هر ٻانگون ڏيڻ تي بهادر تپي باهہ ٿي ويو.
ڪڪڙ کي گهڻو ئي ڪڙڪڙ ڪيائين پر ڪڪڙ هن ڪان پري وڃي وري واپس اچي ٻانگ ٿي ڏني. آخر حوصلو جواب ڏئي ويس. پرسان پيل سِر جو اڌ ڪٽي اهو چئي ڪڪڙ کي پنيءَ تي وهائي ڪديائين تہ ”سڀ مولوي پٽ ٿي ويا آهيو!!“

# چرين کي ناهي ماربو

ڳوٺ ۾ انور جي چريائپ بہ عجيب هئي. ڳوناڻن ڪان پئسا گهرڻ، جيڪو نہ ڏئي انهيءَ کي گاريون ڏيڻ.
هڪ ڏينهن دادلي پاڃيءَ واري ڪان گاريون برداشت نہ ٿيون. انوءَ جيئن گاريون شروع ڪيون تہ دادلي سونٽي ڪنئي. هڪ بہ ڏڪ پنيءَ ۾ لڳڻ ڪري انو چريو پڃي پري بيهي

رهيو. اتان بيهي دادلي کي پوندا ڏئي چوڻ لڳو:
“چرين کي ايڏو ماربو آهي.......!؟”

# ٽيليوزن ڪهاڻيون

_01

ٽيليوزن تي سيرت النبي جي پروگرام ۾ ميزبان پرڪشش شخصيت جو مالڪ هو. هن جي گفتگو ۾ بڌڻ وٽان هئي. وقفي ۾ زربرق ڪڙتا به مٽائي رهيو هو.
موصوف ڪافي وقت پاڻ ڪريمن جي سادگيءَ تي ڳالهايو. هن ٻڌايو “رسول الله پنهنجي سادن ڪپڙن جي ڦاٽڻ صورت رفو ڪندا هئا.” سامعين سبحان الله سان گڏ يارسول الله جو نعرو بلند ڪيو.
حاضرين جو داد ڏسي، ميزبان جي ڪڙتي ۾ لڳل سونهري بٽڻن سان گڏ سندس اکيون به چمڪڻ لڳيون!

_02

پورهيت خميسي، ٻارن جي فرمائش تي پناڻ ڪان قسطن تي ٽيليوزن ته ورتي ڇڏي پر مبارڪ مهيني ۾ شام جو افطاري پروگرامن ۾ قسمين قسمين کاڌا...۽ پوءِ معصوم ٻارن جا سوال “بابا، هي ڇا آهي؟ هي کهڙو ميوو آهي؟ بابا، هيءَ شيءِ ڪٿان ملندي...؟ هن کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته چونه ٽي وي واپس ڪجي...!

# برف جي گولي

هاشم ڪان اڄ ضبط نه ٿيو، تڪڙ ۾ ڪٽ تان لهي قميص پاتائين الماڙي مان پستول ڪڍي ور ۾ وجهي اهو چئي دروازي ڏانهن وڌيو ته ’اڄ انهي ڳنڍي واري سوئر جي قر کي جيئرو نه ڇڏيندس. هن کي گول ڳنڍي واري تي ڪافي ڏينهن کان ڏاڍي ڪاوڙ هئي.
هاشم، پرواري ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ ماستر هو. ڊيوٽي ڪري منجهند ڌاري گهر پهچي، ماني کائي سمهڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته ڳنڍي وارو گهٽي ۾ گهنٽي وڄائڻ شروع ڪندو هو. ڪچي ننڊ مان جاڳڻ ڪانپوءِ هو ٻيهر سمهي نه سگهندو هو، نتيجي طور سندس طبيعت ۾ چڙ ۽ اجائي ڪاوڙ پيدا ٿي ويندي هئي. ڪافي پيرا هن

سوچيوهو تہ ٻڪنڊي واري کي گاريون ڏيندو، جيڪڏهن هُن ٿوري بہ مزاحمت ڪئي تہ اتي ئي پستول جا فائر ڪري خون ۾ ٻاڙهو ڪندس! هاشم، پنهنجي تصور ۾ ٻڪنڊي واري جو رت برف تي پوندي بہ ڏٺو هو، شربت جي بدران برف تي رت، ٻڪنڊي واري جو ٻاڙهو ۽ گرم رت......جيليءَ جهڙو......

هو اجا اها ڳالهہ سوچيندو ئي هو تہ هن جي اندر جو آدمي جاڳي پوندو هو، "هاشم! شرم ڪر استاد آهين ٻارن کي صبر ۽ شڪر جو درس ڏين ٿو، توکي انهي غريب پورهيت جو ٿورو بہ احساس نہ آهي، جيڪو ٽاڪ منجهند جو پنهنجي ٻچن جي روزيءَ لاءِ در در تي وڃي گهنٽي وڄائي ٿو، آواز ٻڌي ٻار ڳڏ تي هن کان ٻڪنڊيو خريد ڪن ٿا، انهن ڏوڪڙن مان ئي تہ هن جي گهر جي چلهہ ٻرندي هوندي. ڪيئن نہ هن جا ٻچا شام جو پنهنجي بابا جي راهہ تڪيندا هوندا!! توکي هن لاءِ ڪوبہ احساس نہ آهي؟"

اهو سوچي هو پنهنجي ٻارن تي هڪ نظر وجهي ڪمري جي ڇت ڏانهن تڪڻ لڳندو هو. هن جي سيني ۾ ٻڪنڊي واري لاءِ همدرديءَ جا جذبا غالب پئجي ويندا هئا، پر اها ننڊ هئي جيڪا هن جي اکين کان ڪوهين ڏور هلي ويندي هئي. ڪجهہ دير ۾ ئي هن جي سوچ پلٽو کائيندي هئي، 'پر انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ آهي؟' هاشم اهي سڀ ڳالهيون سوچي پاڻ کان سوال ڪندو هو. ٻڪنڊي واري جي معاملي تي هن پاڻ سان جنگ جوٽي ڇڏي هئي.........۽ اڄ انهي جنگ ۾ هاشم جو شيطان، هاشم جي رحمان مٿان حاوي ٿي ويو. هن پستول ور ۾ وجهي دووازي ڏانهن اهو چئي ڊوڙ پاتي 'اڄ نہ ڇڏيندس انهي سوئر جي پٽ، حرامي ڪتي کي' در کان ٻاهر نڪرندي هن جي نظر ٻڪنڊي واري تي پئي، قدبت ۾ هلڪو، ميرا ڪپڙا پاتل، سانورو رنگ، پيرن ۾ چيڳل جُتي پاتل پنهنجي ڏن ۾ رنڌي کي برف تي رهڙي رهيو هو. ٻار جيڪي هن جا گراهڪ هئا، سندس چوڌير ميڙ ڪيون بيٺا هئا. "توکي شرم نہ ٿو اچي، تو اسان جي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي، بيغيرت جا پٽ..." هاشم لفظ 'بيغيرت' تي زور ڏئي اهو سوچي چپ ڪئي تہ جئين ئي ٻڪنڊي وارو ڪا اڳري ورندي ڏيندو تيئن ئي هو ور مان پستول ڪڍي فائر ڪندو.

هاشم کي ڪاوڙ ۾ گار ڏيندي ڏسي، ٻڪنڊي واري جي چهري تي خوف جو تاثر ظاهر نہ ٿيو. هن اطمينان سان برف تان رندو هٽائي هاشم ڏي منهن ڪري ٻئي هٿ ٻڌي چيو "سائين! ڪاوڙ نہ ڪيو، مان وري هن گهٽيءَ ۾ نہ ايندس!" ٻڪنڊي واري جو جواب ٻڌي هاشم اڳتي وڌڻ بند ڪري ڇڏيو هن کي محسوس ٿيو تہ ٻڪنڊي واري جي ٻڌل ٻانهن ۾ برف جو پستول هو. جنهن مان نڪتل برف جي گولي هن جي سيني جي آرپار ٿي وئي آهي. برف هن جي جسم مان رت ٿي نڪري پئي. هو ڪجهہ وقت برف لڳو بيٺو رهيو. ٿوري دير ۾ هن پنهنجو منهن پنهنجي دروازي ڏانهن ڪيو. برف جهڙن پيرن سان

پاڻ کي گهلي در تائين آندائين جتي سندس زال ۽ ٻارن جا ڪيترائي برف جهڙا سوال ڪنن ۾ گونجي رهيا هئا "چا ٿيو، ڇا ٿيو خير ته آهي......؟؟"

# ڏنڊلو آسمان

لطيف سائين جي روضي ۾ داخل ٿي زيارت ڪانپوءِ مان هن کي روڪي ورتو، "ٻڌ روشني....!" (هن جو نالو روشن آراء آهي پر مان هن کي روشني سڏيندو آهيان) "هنههو" هن ڪنڌ جي اشاري سان وراڻيو، "موڊ ڪيئن اٿئي؟" پڇيو مانس "اداس آهيان...!!" "ڪامريڊ ۽ ڀٽائي وارو لطيفو ياد اٿئي" "نه ياد ناهي...تون ٻڌاءِ" منهنجي ڳالهه ڪان پوءِ جواب ڏنائين. "هو ڪامريڊ جيڪو ڀٽ ڌڻي جي روضي اڳيان زور زور سان بيت پڙهي رهيو هو 'جاڳ ڀٽائي گهوٽ، توکي سنڌڙي تي سڏڙا ڪري' ۽ پوءِ روضي مان هڪ ڀونڊو نمودار ٿيو ۽ ڪامريڊ کي هڪل ڪري چيائين ته جي سڀ ڪجهه مونکي ئي ڪرڻو آهي ته تون مانيون ڀچڻ تي آهين ڇا؟" منهنجي ڳالهه ٻڌي ٽهڪن ۾ پئجي وئي، هن جا ٽهڪ اڇا ڪبوتر ٿي ڀٽائي سرڪار جي اڱڻ ۾ اڏامڻ لڳا. هن ڪڪ تي هٿ رکي چيو "علي، مونکي پيٽ ۾ سور پئجي ويو آهي، توکي چيو اٿم ته اهڙا لطيفا نه ٻڌائيندو ڪر..." هن منهنجو هٿ جو سهارو ورتي، اڱڻ جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهندي چيو.

اسان ٻئي پلٿي هڻي ويهي رهياسين. هوءَ اڃا کلي رهي هئي. "وروناڪا رڻ چيو اسان وٽ زندگيءَ ۾ کڏهن کلڻ ۽ روئڻ ڪانسواءِ ڪوبه آپشن ناهي هوندو." مون هڪ قول ٻڌايو. روشنيءَ جو کلڻ ڪجهه گهٽ ٿيو. "هڪ ٻيو قول آهي ته توهان جا ٽهڪ رڙيون ڪري روئڻ هوندو آهي." اها ڳالهه ٻڌي هن مونڏانهن نهاريو، سندس اکيون ٽهڪن جي ڪري ڳوڙهن سان ڀريل هيون.

"ڇڏ انهن قولن کي مونکي ڳوٺ جي ڪا ڳالهه ٻڌاءِ...؟؟" ها...بس هڪڙو قول، آسڪر وائلڊ چيو هو ته مزاق واري انداز ۾ کلندي ماڻهن کي سچ ٻڌايو نه ته هو توهان کي قتل ڪري ڇڏيندا." مان هڪ ٻيو قول به هن جي نه چاهيندي ٻڌائي ويس. "اڙي ڇڏ يلا انهن قولن کي، ڳوٺ جي ڪا مزاحيه ڳالهه ٻڌاءِ." روشنيءَ بيزاري واري لهجي ۾ ڳالهايو. ڳوٺ جي ڳالهه هيءَ آهي ته چاچي وريام پنهنجي ڏيءُ ڪونج کي رئيس جي ڪمدار بچل کي لک 20 هزارن ۾ ڪپائي ڇڏيو، ڪالهه ڪونج جي شادي هئي...!" "اها مزاحيه ڳالهه آهي...!؟" هن جي منهن تان مرڪ غائب ٿي وئي، اکيون ڳاڙهيون ٿي

ويس، ڪٽڪ جي سنگن جهڙا پرون پاڻ ۾ ملي ويا، نرڙ تي ڪاوڙ جا گهنج اڀري آيس. "توکي اها ڳالهه مزاق ٿي لڳي؟؟" ڪاوڙ ۾ مونکي چيائين. "ها ها...اها مزاق ئي آهي، 21هين صدي ۾ سنڌ ۾ ڇوڪرين جو ٻڪرين جيان وڪرو مزاق ئي ته آهي." منهنجي تيز آواز ۾ ڳالهائڻ تي هوءَ هيسجي وئي، خاموش ٿي وئي. چپ اسان ٻنهي جي وچ ۾ چين جي ڀت ٺهجي بيهي رهي. فقط ڳوڙها هئا جيڪي اسان ٻنهي جي اکين مان جاري هئا. مان مٿي ڪنڌ کڻي آسمان ڏي ڏٺو، اکين ۾ نيرن جي ڪري مونکي آڪاس ڌنڌلو نظر آيو، اتي هاڻي ڪي به اڇا ڪبوتر نه هئا!

# ميڊيا

ٻار: بابا! هيءُ جو ٽي وي تي ماڻهو ۽ رسا ڏيکارين ٿا اهو ڇاهي؟

پيءُ: پٽ، اهڙا سوال نه پڇبا آهن. بس سمجهه ته اها به هڪ راند آهي ۽ تون وڃي راند ڪيڏ شاباس...

ٻار: ها بابا، پر ڪڻ مان واڌڻ ڪدي ڏي مونکي به ساڳي راند ڪيڏڻي آهي.

# تعليم دوستي

پروفيسر صاحب اسٽاف روم ۾ ٻين پرفيسرن سان دنيا جهان جي موضوعن تي گفتگو ڪندو رهيو. تعليم جي تباهي جي ڳالهه نڪتي ته وڏيڪ جذبات ۾ اچي ويو. فل اسٽاپ ڪانسواءِ ڳالهائڻ لڳو............جڏهن ته.........

اسٽاف روم کان ٻاهر بينل ڪجهه شاگرد سائين جو انتظار ڪندا رهيا. اصل ۾ هو پروفيسر کي ٻڌائڻ آيا هئا ته سندس ڪلاس آهي.

# ڳالهه سمجهه جي آهي

مرچو ڏي جي شادي ڪرائيندو ته ڪائيندو ڇا؟

بازار مان لنگهندي مرچوءَ، ڪامريڊ ڪهاڙي جو گفتو ٻڌي ورتو. ڏاڍي ڪاوڙ آيس، دل ۾ خيال ڪيائين ته ڪامريڊ سان جهيڙو ڪري پر گهر تائين پهچندي هن کي ڳالهه

سمجهه ۾ اچي وئي. اچڻ شرط فتوءَ وارن ڏي نياپو ڪيائين ته “رشتي لاءِ اچڻ جي ڪا به ضرورت ناهي....!!”

# سائبر ڪرائم

نازيه سان دوستي ڪانپوءِ سهيل جو موبائيل تي سنگتياڻين جو انگ چار ٿي ويو، هن ‘لو’ نالي هڪ گروپ ناهي ورتو. چئني سان هڪ ئي وقت ساڳي قسم جا ميسج، ساڳيا سوال، ساڳيا جواب... جانو...جان جا قديم ۽ جديد لفظ.
هوڏانهن نازيه به پنهنجي موبائيل ميسيج گروپ ۾ سهيل کي شامل ڪري ڇڏيو.

# ريپ ريپ ريپ

اسپتال داخل، زخمي، ريپ ٿيل نينگريءَ کان صوبيدار جاچ شروع ڪئي سوال ڪجهه هن ريت هئا.
“توسان اهو ڪم ڪڏهن ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو...؟
تون اوڏي مهل ڇا پئي ڪرين...؟
ڪنهن ٻئي اهو منظر ڏٺو...؟
ڪيڏي مهل بيهوش ٿيئن...؟”
ان دوران نينگري جي ماءُ پوليسوارن توڙي اتي بيٺل مردن جي اکين ۾ وحشت ڏسي ورتي.
ڪجهه ساعتون چپ رهڻ ڪانپوءِ هٿ ٻڌي نماڻي انداز ۾ ڳالهيائين،
“سائين، منهنجي ڌيءُ سان ڪجهه به ناهي ٿيو...بس خدا جي واسطي اسان کي معاف ڪريو...”
“پوڙهي خاموش... ڊرامو نه ڪر.” صوبيدار، نينگريءَ جي ماءُ کي دڙڪو ڏئي چپ ڪرايو ۽ ذهني ريپ، منهنجو مطلب سوالن جو سلسلو ٻيهر شروع ڪيو.

# اڻڄاتل لاش

نئين سال جي پهرين صبح تي ڳالهه هُلي وئي ته شهر جي ٻاهران اڻڄاتل ماڻهو جو چڇريل، گولين سان پروڻ ٿيل لاش مليو آهي. سَوَن جي انگ ۾ شهري گڏ ٿي ويا، لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي...!؟
ڪجهه دير ڪانپوءِ هڪ پراسرار قسم جي ماڻهوءَ رڙ ڪئي ته اهو چڇريل لاش، سال 2015 جو آهي. رات آسمان ڏانهن اڏري واپس پئي ويو ته نئين سال جي آمد ۾ ٿيل خوشيءَ جي فائرنگ ۾ مارجي ويو.
اها ڳالهه ٻڌائڻ وارو پراسرار شخص ڪير هو؟ پنهنجي وچ تي هجڻ باوجود شهري ان کي به سڃاڻي نه سگهيا.

# نيٺ مولويءَ ڳالهايو

پشاور سانحي کي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. مولوي صاحب نه جمع جي خطبي ۾ ان تي ڳالهايو نه ڪڏهن پنهنجي خانگي ڪچهري ۾ ان وحشناڪ واقعي تي مذمت جا ٻه لفظ چيا...!! جڏهن به معصوم ٻارن جي دردناڪ قتل جي ڳالهه نڪتي ته مولوي صاحب موضوع بدلائي ڇڏيو!
اڄ صبح گهٽي ۾ مليو، همراه جي چهري تي تبسم هو. محسوس ٿيو ته خوش آهي. مونکي ٻيهاري چيائين،
"ماستر ٻڌو آ ته جن همراهن پشاور ۾ ٻارن کي ماريو هو انهن جا طوهر ٿيل نه هئا!!"

# جبلت

ٽي وي ڊرامي ۾ اداڪار شهمير خان، ڏيءُ جو ڪردار ادا ڪندڙ مسرت کي ڀاڪر ته پاتو پر پنهنجي اندر پيءُ محسوس نه ڪيائين!

منظر ڪٽ ٿيڻ بعد لاشعوري طور وارن ۾ آڱريون گهمائيندي اکيون بند ۽ ڪنڌ هيٺ ٿي ويس! جسم مان عجيب بوءِ محسوس ڪيائين، جنهن لاءِ فرق نه ڪري سگهيو ته اها خوشبوءِ آهي يا بدبوءِ...

# هارمونس

مشتاق کي الائي ڪهڙو خيال آيو جو فيس بوڪ تي سهڻي ڇوڪري جي تصوير هڻي فيڪ اڪائونٽ کولي هلائڻ لڳو!
عجيب سرورن ۾ هو. اهڙو مزو جنهن جي ڪنهن شيءِ سان ڀيٽي نه سگهجي. ان دوران جسم ۾ تبديلي به محسوس ٿيس! هڪ ڀيرو هڪ همراهه سان چيٽنگ ۾ پيرن جي حرڪت ڏيڻ چاهيائين ته ڳرا لڳس! "پائون ڀاري" اردو جو اصطلاح ياد ايندي مسڪرائڻ لڳو.

# لائوڊ اسپيڪر

بيمار ڪامريڊ لطيف جي گهر ويجهو عظيم عاليشان مذهبي اجتماع جاري هو.
پهرئين، ٻئين ۽ ٽئين جوڙ جا مولوي ڳلو ڦاڙي رڙين جي انداز ۾ سامعين سميت سڄي شهر کي ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.
ڪامريڊ کي انهن جون ڳالهيون سمجهه ۾ نه پئي آيون. هڪ ئي وقت ڪيترن ئي لائوڊ اسپيڪرن مان آواز اچڻ ڪري ائين پئي لڳو ته مولوي، ڪامريڊ سان گڏ کٽ تي ويهي هن جي ڪنن ۾ رڙيون ڪري رهيا هئا!
ايڏي شور ۾ ڪامريڊ کي لائوڊ اسپيڪر جو ايجاد ڪندڙ گراهم بيل ياد اچي ويو، جنهن کي جنسي گاريون ڏيڻ لڳو ته هن اهڙي واهيات شيءِ ڇو ايجاد ڪئي!؟
وڏي گوڙ ۽ رڙين ڪري لطيف کي ننڊ نه پئي آئي. ٻئي طرف جلسي ۾ وڏي مولوي جي تقرير شروع ٿي. اهو چئين وڳي رات جو وقت هو. ڪامريڊ کي ننڊ اچي وئي!
ان رات جي صبح تي ڪامريڊ جي گهران روڄ راڙي جا آواز بلند ٿيا. "سبحان الله مرشد وڏي جي تقرير ۾ ڪيڏو اثر هو جو سڄي عمر ڪفر جون ڳالهيون ڪندڙ لطيف جي دل کي به ميڻ ڪري ڇڏيائين! عظيم عبادت جي رات هو خدا کي پرتو...سبحان تنهنجي قدرت...إنا لله وإنا إليہ راجعون
" گهٽي جي موڙ تي هڪ دوڪاندار پنهنجي گراهڪ کي ٻڌائي رهيو هو.

# اوساري جهڙو درد

جاويد مگڻهار، ڪاچ ۾ واجو ڪندي خوشيءَ جي فائرنگ ۾ انڌي گوليءَ جو نشانو بڻجي ويو.
گولي، ڪک ۾ لڳي پيٽ ۾ غائب ٿي وئي. فائر ڪان اڳ ئي هن سماعت ختم ٿي چڪي هئي. هڪ ڪلاڪ تائين سير پيل ڍور جيان تڙپندو رهيو. پٽ وارا پڇي ويا، اهي چو پڳا، ڪاڏي ويا!؟ بس پاڻ ايترو سو جاڻون ٿا ته همت ڪري زخمي جاويد کي ڀيو نه پرواري شهر جي اسپتال تائين پهچائڻ گهرجي ها. جتي هن جي بچڻ جي اميد هئي. پلا اميد نه به هئي ته ڪوشش ڪرڻ گهرجي ها. ها ڪابه ڪوشش نه ٿي مقتول جي پاءُ ۽ سوٽ لاش کي رڪشا ۾ ڪبڙو سمهاري گهر آندو!
پر هي چاه قاتل لاش جي گهر پهچڻ کان اڳ قرآن ميڙ سان معافيءَ لاءِ پهچي ويا! "خون معاف ڪندس پر جوان پٽ جو لاش ته دفن ڪرڻ ڏيو!؟" مقتول جوان جي پيءُ فقير علي نواز ڳالهايو. فقير جي آواز ۾ اوساري جهڙو درد هو. ايئن لڳو ماتمي جلوس ۾ هو 'ڍنڊ' جي وڄت ڪندو هجي.
"واويلا واويلا ياحسين يا حسين" جون صدائون ستن آسمانن تائين پهچڻ لڳيون...وري اچانڪ موت جهڙي خاموشي...اهڙي چپ جنهن ۾ اسان فقير جي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز به ٻڌي سگهون پيا!
.......۽ ها ٽئين ڏينهن تي جڏهن جاويد جي بنيءَ جي مٽي به نه سڪي هئي ته تر جي سردار جي حڪم تي خون جو جرڳو ٿيو. جاويد جي رت، اکين، گردن، پيرن، ڪنن، وارن، ٻانهن، ٽنگن، ننهن ۽ هٿن سميت سڄي جسم جي ٻها 12 لک مقرر ڪئي وئي.
"فقير، پئسا ٿورا ته ناهن!؟" سردار صاحب، فقير علي نواز سان مخاطب ٿيو. فقير کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو. هو پنهنجا سپ حواس جوان پٽ جي ساميءَ ۾ ڇڏي آيو هو. " نه سائين گنج مولا جو..." جاويد جي وڏي ڀاءُ صادق، سردار کي جواب ڏنو.
جرڳو پورو ٿيو. فقير علي نواز کي سهارو ڏئي گهر آندو ويو. هن جاويد جي ماءُ تي هڪ نظر وڌي ۽ اکيتي وڌي پٽ تي ٽنگيل شهنائي لاهي چپن تي رکي هڪ وڏ ساهه کڻي ڪجهه وڄائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر نه وڄائي سگهيو. هن ٻيهر ڪوشش ڪئي پر ناڪام ويو! هن کي محسوس ٿيو ته جوان پٽ جي لاش سان گڏ فن به دفن ڪري آيو آهي!

# اعتراض

“بابا قاسم، نياڻين کي شهر ۾ ايئن اڪيلو ناهي ڇڏبو، پوءِ مقصد ڪٽي علم چو نہ هجي...!” سردار صاحب نفيس ۽ نرم لهجي ۾ پنهنجي راڄ واري قاسم سان هن جي ڌيءُ عائشہ بابت ڳالهايو، جيڪا ڪجهہ ڏينهن اڳ وڏي شهر ۾ تعليم حاصل ڪرڻ وئي هئي.

“سردار صاحب! توهان جي نياڻي لندن ۾ گورن وٽ پڙهي پئي، اسان غريبن ڪڏهن اعتراض ڪيو...!؟” قاسم، جواب ۾ سوال ڪيو لهجي ۾ سختي واضع نظر آئي. ائين محسوس ٿيو تہ قاسم جواب تيار ڪري آيو هو.

“خير آ، بابلا خير آ...پلا جيئن تنهنجي مرضي...ڪاوڙ نہ ڪر” پريل اوطاق ۾ قاسم جي آڏي ورندي تي سردار صاحب مسڪرائيندي ڳالهايو.

.......پر ڪچهري ۾ ويٺلن سردار جي مشڪڻ پويان اهو بگهڙ ڏسي ورتو، جنهن شام ڌاري عائشہ جي پيءُ کي چيري ڦاڙي ماري ڇڏيو.

# خواب

هوءَ سندر خوابن جهڙي اربيلي من موهڻي نينگري. جيڪا پنهنجي بابا جي سبزيءَ جي ٿيلهي سان گڏ اسان جي پاڙي ۾ ان اميد سان ايندي هئي تہ هن جي اسان جي پاڙي ۾ موٽرسائيڪل (ڊريم سي ڊي) جي لاٽري رکيل آهي ۽ هڪ ڏينهن ان موٽرسائيڪل تي پنهنجي بابا سان گڏ چڙهي رواني ٿيندي؛ سا گڏريل ڏينهن پنهنجا سڀ خواب ڪٽي جنت الفردوس ڏانهن رواني ٿي وئي.

# امام ضامن

ڪوئٽہ پرسان زائرين جي بس تي خودڪش حملي ۾ پوڙهي هزاره عورت جو اڪيلو جوان پٽ بہ مارجي ويو هو. حادثي کانپوءِ ڪجهہ منٽن اندر واردات جي جاءِ تي

پهتل ٻيڙيءَ ڪي پٽ جو لاش ڪيترن ئي ٽڪرن ۾ ته مليو ويو پر پوءِ به نه ڄاڻ هن ڪي ڇا جي تلاش هئي....!؟
آخر هڪ پوليس عملدار عورت جي ويجهو اچي نرمائي سان هن کان پڇيو: ”امان! اڃا ڇا پئي ڳولين؟“
”پٽ جي ٻانهن ۾ ٻڌل امان ضامن“ ٻيڙيءَ اطمينان سان جواب ڏئي ڳولا جاري رکي.

# شناختي ڪارڊ

خيبر پختون خواه کان ايندڙ بس سنڌ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ واري هئي. پهرين پوليس چيڪ پوسٽ جي ويجهو اچڻ کان ٿورو اڳ ڪنڊيڪٽر اٿي بيهي چوڻ لڳو: “ جن وٽ شناختي ڪارڊ ناهن، اهي پنجاھ روپيا ڪڍي رکن!“
پوليس عملدار بس ۾ چڙهيو ئي ڪونه ته ڪنڊيڪٽر هڪ هٿ سان هن کي اڍائي سو ڏيندي چيو ته ”صاحب، پنجن ڄڻن وٽ ڪارڊ ناهن!“ ٻئي هٿ سان در کي وڄائيندي چوڻ لڳو ”استاد ڊبل اي، ڪراچي پهچڻو آهي دير پئي ٿئي.“

# ٻارهين ڪيفيت

هوءَ سياڻي آهي يا اياڻي فيصلو نه ڪري سگهيو آهيان!؟ تعلق کي ڪجھ مهينا ٿيا آهن پر صدين جي سڃاڻپ لڳي ٿي. ”چيو مانس، تون مون کي ڏينهن ۾ ساڍا پنج ڪر سياڻي ۽ ساڍا پنج پيرا اياڻي لڳندي آهين!“ ڳالھ ٻڌي عجب ۾ پئجي وئي پڇيائين ”اهو وري ڪيئن!؟“ اهو ائين جو نفسيات مطابق انسان تي 24 ڪلاڪن ۾ ٻارهن مختلف ڪيفيتون طاري ٿينديون آهن. اڌ ڏينهن چري ته اڌ ڏينهن سياڻي لڳندي آهين!“
منهنجو اندازو هو ته ڳالھ ٻڌي هميشه جيان ٺهڪن پئجي ويندي پر سندس چهري تي سنجيدگي ايري آئي ۽ منهنجي ڳالھ کي اڳتي وڌائيندي چيائين: ”ها بلڪل، جيئن سچل چيو هو ”ڪڏهن من ماکوڙي، ڪڏهن، ڪيهر شينهن“...“ ”ها منهنجي برائڊي مرفي“ چيو مانس. ”ڪير آهي اها برائڊي مرفي!؟“ معصوم انداز سان سوال ڪيائين.

“آمريڪي عورت ورجينا ٽيگهه، جنهن تي هيپاٽڪ ريگريشن جي ٽيڪنيڪ استعمال ڪئي وئي، ته هن ٻڌيو ته هوءَ اڳئين جنم ۾ آئرلينڊ جي رهواسڻ هئي. سندس نالو برائڊي مرفي هو.” ٻڌايو مانس.
“اڇا! وڏي ڳالهه آهي!” هن منهنجي ڳالهه ڪٽيندي حيرت جو اظهار ڪيو. “اهو به ته ورجينا 1995ع ۾ گذاري وئي. ان وچ ۾ هن جيڪي به ڳالهيون ڪيون، انهن، ثابت ڪيو ته ورجينا جو اهو پنر جنم هو، اڳين زندگيءَ ۾ هوءَ برائڊي مرفي هئي!” هن ڪي مڪمل ڳالهه ٻڌايم.
“پوءِ ته مان واقعي تنهنجي برائڊي مرفي آهيان، اڳين جنم ۾ منهنجو نالو ڪجهه ٻيو هو ۽ تنهنجو ڪجهه ٻيو ۽ پاڻ گڏ هئاسين.” هن منهنجي اکين ۾ جهاتي پائيندي ڳالهايو.
“پر مونکي ڏاڍو ڊپ ٿو ٿئي!” “ڇو ڇو!؟” مان هن جي هٿ کي سوگهو ڪري پڇيو. هوءَ ڏڪي رهي هئي ڏڪندي چيائين “اسان اڳئين جنم ۾ به هڪ ٻئي کان جدا ٿي وياسين، هن حياتيءَ ۾ به ساڳيو ڪم نه ٿئي.” “نه ائين نه ٿيندو...قدرت اسان سان ايڏو ڪلور نه ڪندي.” مون هن کي سمجهايو، منهنجي سمجهائڻ باوجود هن جي اکين مان لڙڪ لارون ڪري وهڻ لڳا. سندس مٿان ڪنبڻي طاري ٿي وئي. اها هن جي ڪهڙي ڪيفيت هئي، مان سمجهي نه سگهيس، شايد ٻارهين ڪيفيت!؟

# ڏائڻ

سياري جي آمد ۽ ڦٽن جي چوند جي موسم هئي. هر سال جيان، چورن تر ۾ مم جي اچڻ ۽ ڏائڻ جو چراخ تي چڙهي گشت جا افواهه پکيڙي ڇڏيا هئا. ڳوناٽا دهشت ۾ ورتل هئا.
مان انهن ڳالهين تي آساني سان يقين ڪرڻ وارو نه هئس، پر ادا پيارل جي ڳالهه ڪي ڪوڙ چوڻ به منهنجي وس ۾ نه هو. جنهن مسجد ۾ ٻڌايو ته هن سفيد ڪپڙن ۾ هڪ پراسرار عورت مولوي صاحب جي گهر ٻاهران ڏٺي آهي. جيڪا يقينن ڏائڻ ئي هئي!
ادا پيارل جي تصديق ڪانپوءِ ڏينهن رات ڊپ جي زندگي گذري رهي هئي. چوڪيءَ لاءِ نوجوانن جا ڪجهه ٽولا ناهيا ويا، جيڪي واري سان ڳوٺ ۾ چوڪي ڏيڻ لڳا. هڪ رات اٽڪل چئين وڳي، ڳوٺ ۾ ڪتن جي ٻاهوڙ سان گڏ چوڪيدارن جي هڪلن جا آواز شروع ٿي ويا. انهن آوازن جي وچ ۾ هڪ ٻيو آواز به شامل هو. انساني آواز هو يا ڪنهن جانور جو مان فرق نه ڪري سگهيس!

ڳوٺ وارن سان گڏ مان بہ جلدئي ان جاءِ تي پهچي ويس، جتان آواز اچي رهيا هئا. هڪ پاسي چوڪيدار بيٺا هئا، جڏهن تہ ڪجهہ فاصلي تي هڪ عورت جو لاش پيو هو. چهرو ڏندن سان مسخ ٿيل، ڪپڙا رت سان مڪمل ڳاڙها...ڪير بہ سڃاڻپ نہ ڪري سگهيو! بس هر ماڻهو جي زبان تي اها ڳالهہ هئي تہ "ڏائڻ ڪي ماريو ويو آهي!" ڪجهہ دير ۾ وڏيرو بہ اچي ويو. جنهن جي چوڻ تي عورت جي لاش کي خاموشيءَ سان مقام ۾ ڪڏ کوٽي پوريو ويو؛ جيئن پوليس جي ڪارروائي کان بچي سگهجي.

ٻئي ڏينهن اسان ٻيپهري جي نماز تي گڏ ٿياسين. خلاف توقع مولوي صاحب دير سان آيو. هن جون اکيون سڄيل هيون، سمجهي سگهجي پيو تہ هن کي گهڻو اوجاڳو آهي يا رنو اٿائين......

شام ڌاري ادا پيارل سان مولوي صاحب جي گهر پرسان گذر ٿيو. هن جي گهر مان ڪوبہ آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيو، موت جهڙي خاموشي، جنهن ۾ اسان هڪ ٻئي جي ساهن جو آواز بہ ٻڌي سگهون پيا! ها صرف ٻڌي سگهون پيا......سمجهي نہ پيا سگهون.

ها! اسان اجا تائين گهڻيون ڳالهيون نہ سمجهي سگهيا آهيون!؟

# ماستر رحيم جو قتل

ماستر رحيم جي مارجڻ کي هڪ سال پورو ٿي ويو. پوليس ڪي نہ هن جي قاتل جي خبر پئجي سگهي نہ قتل جو سبب معلوم ٿي سگهيو. بس هن جو موت هڪ مام بڻجي ويو.

بظاهر تہ چوري جي واردات هئي، جنهن ۾ ماستر مزاحمت ڪندي مارجي ويو هو، پر اها ڳالهہ ايتري سادي بہ نہ هئي. جو جلدي يقين ڪجي!

ماستر جي قتل بابت سوچيندي مونکي چاچي انب جي ڳالهہ ياد اچي وئي. "بابا! قتل ٻنين ۽ ونين تان ٿيندا آهن!" رحيم وٽ ٻني تہ نہ هئي، ها هن جي وني ضرور هئي.

شبانہ...ڳوٺ جي حسين عورت. جنهن جي حسن تي راڄ عاشق هئا. انهن عاشقن ۾ نبو بہ شامل هو. تر جو وڏو ڪاڪو، جنهن جي دهشت سڄي علائقي ۾ پکڙيل هئي. ......پر نبو، رحيم کي ڇو ماريندو!؟ اهڙي ڳالهہ هجي ها تہ شبانہ، مڙس جي پهرين ٻارهي کان اڳ نبوءَ سان شادي ڇو ڪري ها!؟

بس ڇڏيو ماستر رحيم جي قتل کي، پوليس ئي قاتل نہ پڪڙي سگهي تہ اسان پنهنجو مٿو ڇو ڪپايون!

# اڍائي ڪلو پٽاٽا

هوءَ ڳرن قدمن سان گهر ڏانهن موٽي رهي هئي. مسجد پرسان گذرندي هن جو ڌيان مولوي صاحب جي تقرير ڏانهن هليو ويو. جنهن ۾ هو رزق ۽ رزاق جو ذڪر ڪري رهيو هو پر هن خيال گهر جي اڌوري راشن، پاڃي، ببلوءَ جي اسڪول جي فيس، چنٽوءَ جي ڪن جي دوا ۽ مني جي ڪپڙن ۾ وڪوڙيل هو!

سوچن جا حملا ٻرون وانگي وڌي رهيا هئا. هلندي ڪافي پيرا ٿاٻا به کاڌائين! پر هر پيري پاڻ کي ڪرڻ کان بچائي ورتائين! هن جي اڳين منزل شهر جو آخري اسٽاپ هو، جتي اميد هئس ته ڪو خريدار ضرور ملي ويندو. تڪڙيون وکون کڻندي آخر اسٽاپ تي پهچي وئي. معمول مطابق اسٽاپ تي ماڻهن جي پيهه هئي!

هوءَ خاموشيءَ سان هڪ پاسي ٿي بيهي رهي. ماڻهو هن جي پرسان گذري رهيا هئا. جن مان ڪافي هن ڏانهن تڪي به رهيا هئا. هوءَ پنهنجي تجربي آهر هنن کي اکين جي اشاري سان سڏڻ لڳي! پر سامهون موٽ نه ملي رهي هئس!

ڪافي دير انتظار ڪانپوءِ پيهر مايوسي جي ور وڪڙن ۾ ڦاسي پئي. سوچون وري حملو ڪرڻ لڳيون. انهيءَ دوران روڊ جي سامهون وينل پاڃي وارو هن جي ويجهو آيو. هن هڪ خاص اشارو پاڃيءَ واري کي به ڪيو. پاڃي واري، هاڪار جي انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻيو ۽ هٿ جي اشاري سان اگهه معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

جواب ۾ عورت پنجن آڱرين کي گڏائي اشارو ڪيو. اشارو ڏسي پاڃي واري ناپسند ۽ ناڪار واري انداز ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ فيصلائتي نموني به آڱريون گڏائي هن کي ڏيکاريائين!

هاڻي ٻنهي جي وچ ۾ سودو طئي ڪرڻ لاءِ ڏي وٺ ٿيڻ لڳي. سبزي وارو ڪنهن به ريت به سو کان متي ڏيڻ لاءِ تيار نه هو، جڏهن ته هوءَ تڪل هئي، سندس برداشت جواب ڏئي رهي هئي. آخر هن فيصلو ڪري ورتو. سبزي واري جي ويجهو آئي، خشڪ نڙيءَ ۽ سڪل چپن مان زوري آواز ڪڍيائين: "بس نه ڪي منهنجا پنج سو نه ڪي تنهنجا به سو، مونکي اڍائي ڪلو پٽاٽا ڏي، پوءِ جيئن تنهنجي مرضي!"

***نوٽ: هي اختصاري ڪهاڻي تڏهن جي لکيل آهي، جڏهن پٽاٽا سو روپين کان وڌيڪ ڪلو جي حساب سان وڪامي رهيا هئا.***

